REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 06 نومبر 2023ع بمطابق 21 ربيع الثاني 1445هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 160

سنڌ ۾ عام چونڊن وڏي اڪثريت سان ڪلين سئيپ ڪري ڪاميابي حاصل ڪنداسين: ناصر شاهه

بلاول ڀٽو اينڊو ملڪ خوشحال ٿيندو دل، جگر، گردن، ڪينسر سميت مختلف بيمارين جو مفت علاج سنڌ ۾ ڪيو پيو وڃي

اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سميت پيپلزپارٽي جي سموري قيادت جي محنت سان بلدياتي چونڊن ڪراچي کان ڪشمور ڪينجهر تائين ڪارونجهر ۽ ڪمون شهيد تائين ڪلين سئيپ ڪري ڏيکاريو

عمران خان پاران آئي ايم ايف سان سخت ترين معاهدو ڪيو ويو عمران خان پاران 9 مئي واري سانحي ۾ ادا ڪيل ڪردار تي ملڪ دشمن انڊيا ۾ خوشيون ملهايون ويون

اينڊڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو ۽ بلاول ڀٽو زرداري ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو: نعمان اسلام شيخ

اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي جو هميشه عوام پنهنجا مسئلا کڻي اسان وٽ اچي ٿو جيڪي حل ڪيا ويندا آهن: سيد ڪميل حيدر شاهه

ڪائونسلر عرفان علي داؤد ڀٽو سميت جلسي ۾ هزارين عورتون مردن ۽ ٻارڙن آيل مهمانن جو گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ سيد ناصر حسين شاهه، نعمان اسلام شيخ، سيد ڪميل حيدر شاهه کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ پهرائي وئي

روهڙي (رپورٽ) ملڪ جي 22 ڪروڙ عوام جون نگاهون قيادت محبوب ليڊر چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڏانهن ڏسي رهيو آهي ته بلاول ڀٽو اينڊو ملڪ خوشحال ٿيندو دل، جگر، گردن، ڪينسر سميت مختلف بيمارين جو مفت علاج سنڌ ۾ ڪيو پيو وڃي اهڙن خيالن جو اظهار اڳوڻي صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه، نعمان اسلام شيخ ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه روهڙي جي علائقي ۾ ڪائونسلر عرفان علي داؤد ڀٽو پاران منعقد ڪيل جلسي جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو سيد ناصر حسين شاهه جو چوڻ هو ته اڳوڻي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

روهڙي: ڪائونسلر عرفان علي داؤد ڀٽو پاران منعقد ڪيل جلسي کي ناصر شاهه، نعمان اسلام شيخ، سيد ڪميل حيدر شاهه خطاب ڪندي

دشمن اليڪشن جي عمل کي ناڪام ڪرڻ چاهي ٿو: مير علي حسن زهري

حب (م د) پ پ جي سينيئر اڳواڻ ۽ آصف علي زرداري جي ترجمان مير علي حسن زهري چيو آهي ته دشمن اسان کي ڪمزور ڪرڻ گهري ٿو ته جيئن پنهنجا ناپاڪ مقصد حاصل ڪري سگهجي. پر پاڪ وطن ۾ امن امان تي سوديبازي نه ڪئي ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پسني ۾ فوجي ڪانوائي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نگران حڪومت طرفان پيٽروليم شين جا اسٽريٽجڪ ذخيرا وڌائڻ جو فيصلو

پاڪستان پيٽروليم شين جي درآمد ڪندو آهي ۽ اسٽوريج جي گنجائش وڌائڻ جي اشد ضرورت آهي، پي ايس او وٽ پيٽروليم مصنوعات جا اسٽريٽجڪ ذخيرا هوندا: پيٽروليم ذريعا

هن وقت ملڪ ۾ پيٽروليم ڪمپنين کي 21 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جو ذخيرو ڪرڻو آهي، حڪومت چاهي ٿي ته اسٽريٽجڪ پيٽروليم جا ذخيرا گهٽ ۾ گهٽ 3 مهينن لاءِ هجن

ملڪي ضرورتن جو محتاط جائزو وٺڻ کانپوءِ ئي حتمي ذخيرن ۽ مدي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جنهن لاءِ حڪومت فريم ورڪ تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) فوري طور تي عالمي ماهرن جي مدد سان اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن بابت نئون فريم ورڪ تيار ڪندي

نئين فريم ورڪ ۾ ملڪي خام تيل، ريفائنڊ پيٽروليم جي گهرج ۽ ذخيري جو تعين ڪيو ويندو. فريم ورڪ ۾ مختلف شين جي اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن جي مدت جو تعين ڪندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران حڪومت پيٽروليم شين جا اسٽريٽجڪ ذخيرا وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن موجب حڪومت پيٽروليم شين جي اسٽريٽجڪ ذخيرن ۾ واڌ جو فيصلو وچ اوڀر جي صورتحال سبب ڪيو. ذريعن موجب پاڪستان پيٽروليم شين جي درآمد ڪندو آهي ۽ اسٽوريج جي گنجائش وڌائڻ جي اشد ضرورت آهي. پي ايس او وٽ پيٽروليم مصنوعات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مولانا فضل الرحمان جون حماس اڳواڻن اسماعيل هانيه ۽ خالد مشعل سان ملاقات

وفد سان گڏ قطر ۾ موجود جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان حماس اڳواڻن سان ملاقات دوران فلسطين مسئلي تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون

ملاقات ۾ سيڪريٽري جنرل جي يو آءِ سنڌ مولانا راشد محمود سومرو ۽ مفتي ابرار احمد به شريڪ ٿيا

اسرائيل فلسطين ۾ ظلم ڪري ڪعبه اول کي تبديل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي: مولانا فضل الرحمان

دوحه (م د) جمعيت علماء اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان قطر ۾ حماس اڳواڻن اسماعيل هانيه ۽ خالد مشعل سان ملاقات ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

دوحه: مولانا فضل الرحمان حماس اڳواڻن اسماعيل هانيه ۽ خالد مشعل سان ملاقات دوران بيٺل آهي

حماس جي اهم اڳواڻن سان ملاقاتن لاءِ مولانا فضل الرحمان قطر پهچي ويو

اسلام آباد (م د) جمعيت علماء اسلام جي امير مولانا فضل الرحمان حماس جي اڳواڻن سان اهم ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

غزه ۾ پناهگيرن جي ڪيمپ تي اسرائيلي بمباري، عورتن ۽ ٻارن سميت 51 ڄڻا شهيد

فلسطيني خبرون ڏيندڙ اداري موجب شهيدن ۾ گهڻو انگ ٻارن ۽ عورتن جو آهي. اسرائيلي بمباري سبب ڪيترائي گهر تباهه ٿي ويا ۽ انفرا اسٽرڪچر کي به نقصان پهتو

اسرائيلي جنگي جهازن المغازي ڪيمپ ۾ سمعان خاندان جي گهر کي نشانو بڻايو

اسرائيلي فوج غزه جي پٽي تي پنهنجي فضائي ۽ زميني حملن جو دائرو وڌائي ڇڏيو

غزه (م د) غزه ۾ المغازي پناهگيرن جي ڪيمپ تي اسرائيلي فضائي حملي ۾ 51 فلسطيني شهيد ڄڻا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. فلسطيني خبرون ڏيندڙ اداري موجب شهيدن ۾ گهڻو انگ ٻارن ۽ عورتن جو آهي. اسرائيلي بمباري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪانگو وائرس ۾ مبتلا سول اسپتال ڪوئيٽا جو ڊاڪٽر ڪراچي ۾ فوت، 4 ڊاڪٽر علاج هيٺ

8 مان 7 ماڻهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ايئرايمبولينس ذريعي ڪراچي جي نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڊاڪٽر شڪرالله 3 ڏينهن اڳ ڪانگو وائرس مان متاثر ٿيو هو: ترجمان

ڪراچي (م د) ڪوئيٽا سول اسپتال جي 5 ڊاڪٽرن سميت عملي جا 8 ماڻهو ڪانگو وائرس جو شڪار ٿي ويا جنهن مان هڪ ڊاڪٽر علاج دوران فوت ٿي ويو صحت کاتي جي ترجمان موجب 8 مان 7 ماڻهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ايئرايمبولينس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آمريڪا ۽ عرب رياستن جو غزا ۾ صورتحال جيئن جو تيئن رکڻ قبول ناهي: آمريڪا

آمريڪا ۽ عرب رياستن وچ ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ٿيو آهي ته غزه جي موجوده صورتحال کي جاري نه ٿو رکي سگهجي

ان کي تبديل ڪرڻو پوندو. بلنڪن واضح ڪيو ته مسئلي جي ٻه رياستي حل لاءِ بهتر رستي ڏانهن وڃڻو پوندو

پرڏيهي خبرو اداري مطابق هو اردن گادي واري هنڌ عمان ۾ هڪ نيوز ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن وچ اوڀر جي دوري دوران عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن سان ملاقاتن ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪان پوءِ ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا ۽ عرب رياستن وچ ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ٿيو آهي ته غزه جي موجوده صورتحال کي جاري نه ٿو رکي سگهجي ان کي تبديل ڪرڻو پوندو. بلنڪن واضح ڪيو ته مسئلي جي ٻه رياستي حل لاءِ بهتر رستي ڏانهن وڃڻو پوندو. پرڏيهي خبرو اداري مطابق هو اردن گادي واري هنڌ عمان ۾ هڪ نيوز ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي ان سان گڏ مصر ۽ اردن جا پرڏيهي وزير به موجود هئا. آمريڪي پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: اڳوڻو پنجاب جو وڏو وزير حمزه شهباز عبدالحميد مرحوم جي پونيئرن سان تعزيت ڪندي

اسٽيل ٽائون قائداعظم پارڪ جي ويجهو واٽر ڪارپوريشن جي 54 انچ پي آر سي لائين متاثر ٿي وئي: ترجمان واٽر ڪارپوريشن

متاثر ٿيل لائين پيپري رزروائر مان شهر کي 70 ايم جي ڊي پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي

لائين متاثر ٿيڻ سبب بن قاسم، لانڍي، ڪورنگي، ابراهيم حيدري، اختر ڪالوني، ڊي ايڇ اي ۽ ڪشمير ڪالوني ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿيندي

شهر کي مجموعي طور تي 60 ايم جي ڊي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پوندو، هن چيو ته لائين جي بحالي جو ڪم هنگامي بنيادن تي شروع ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب اسٽيل ٽائون قائداعظم پارڪ جي ويجهو واٽر ڪارپوريشن جي 54 انچ پي آر سي لائين متاثر ٿي وئي، متاثر ٿيل لائين پيپري رزروائر مان شهر کي 70 ايم جي ڊي پاڻي فراهم ڪيو ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پختون خواهه ۾ ڪنهن سان اتحاد کانسواءِ حڪومت ٺاهينداسين: ظاهر شاهه

پي ٽي آءِ اليڪشن پنهنجي تڪ تي وڙهندي ۽ صوبي ۾ ايندڙ حڪومت پي ٽي آءِ جي هوندي

پي ٽي آءِ صوبي جي واحد مضبوط جماعت آهي، پي ٽي آءِ کانسواءِ سمورريون سياسي پارٽيون عوام کان منهن لڪائي رهيون آهن

پشاور (م د) پي ٽي آءِ خيبرپختونخواهه جي نائب صدر ظاهر شاهه طورو چيو آهي ته صوبي ۾ مستقبل جي حڪومت پي ٽي آءِ جي هوندي، ڪنهن به اتحاد جي ناهي ضرورت، صوبائي نائب صدر ظاهر شاهه طورو چيو ته سياسي پارٽين طرفان اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسحاق ڊار صدر عارف علوي کان استيفيٰ ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

مياں نواز شريف عدالتي ڪارروائي کان سواءِ اليڪشن وڙهڻ جي اهل آهي يا نه ان جو جواب ڪمنٽ نو آهي

ان کان پڇا ڪئي وئي ته آصف زرداري چوي ٿو ته مان ميان نواز شريف کي وزيراعظم نه بڻجڻ ڏيندس

ڪنهن جون خواهشون رکڻ جي ڪائي قيمت ناهي هوندي ان سوال تي ن ليگ لاڏلي بڻجي چڪي آهي

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي ناڻي واري وزير ۽ سينيٽ ۾ قائد ايوان سينيٽر اسحاق ڊار صدر عارف الوي کان استيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪوئيٽا: پشتونخواه ملي عوامي پارٽي جو سربراهه محمود اڇڪزئي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

شاگرد پنهنجي شعبي ۾ پاڪستان جي بهتر اميج کي اجاگر ڪن: ارشد ولي محمد

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري نگران وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پشاور: خيبر ٽيچنگ اسپتال جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد ظفر آفريدي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي اعزازي شيلڊ پيش ڪندي

اسان جو منشور خيرات نه مراعتن تي ٻڌل آهي: فردوس عاشق اعوان

اسان جي جلسن جي ڪاميابين تنقيد ڪندڙن جا وات بند ڪري ڇڏيا آهن

آءِ پي پي منفرد ۽ عمل جوڳو منشور پيش ڪيو آهي

لاهور (م د) استحڪام پاڪستان پارٽي جي اطلاعات سيڪريٽري فردوس عاشق اعوان چيو آهي ته اسان جو منشور خيرات نه مراعتن تي ٻڌل آهي. پنهنجي بيان ۾ فردوس عاشق اعوان چيو ته اسان جي جلسن جي ڪاميابين تنقيد ڪندڙن جا وات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عام چونڊن، پولنگ اسٽيشنز ٺاهڻ لاءِ تفصيل طلب

اليڪشن ڪميشن عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنز ٺاهڻ لاءِ سمورن ضلعن ۽ خانگي اسڪولن جو تفصيل گهريو

خانگي اسڪولن ۽ استادن کي متبادل طور تي رکيو ويندو: ترجمان اليڪشن ڪميشن

لاهور (م د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان عام چونڊن جي تيارين جي سلسلي ۾ مڙني ضلعن کان خانگي تعليمي ادارن ۽ سندن استادن جو تفصيل طلب ڪري ورتو آهي. اليڪشن ڪميشن عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنز ٺاهڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

غزه مان فلسطينن کي نيڪالي ڏيڻ جو اسرائيلي پلان سامهون اچي ويو

اسرائيلي حڪومت جو غزه مان فلسطينن کي نيڪالي پلان سامهون اچي ويو

فلسطينين کي مصر جي علائقي سينائي منتقل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي

تل ابيب (م د) اسرائيلي حڪومت جو غزه مان فلسطينن کي نيڪالي پلان سامهون اچي ويو. پرڏيهي خبرو اداري مطابق اسرائيلي ويب سائيٽ اسرائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسان نه ويندا سين، پر عزم فلسطينين ٻارڙن جو غزه نه ڇڏڻ جو پيغام

يهودي فوج غزه جي معصوم ٻارڙن جي عزم کي به ٽوڙڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي

تازوئي بمباري ۾ بي گهر ٿيل ڪيترن ئي بي گهر ٿيندڙ فلسطيني خاندانن پناهه ورتي آهي

والاريل بيت المقدس (م د) غزه تي اسرائيلي فوج جي وحشياڻي بمباري جاري آهي. جڏهن ته يهودي فوج غزه جي معصوم ٻارڙن جي عزم کي به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

افغانين کي وطن واپسي لاءِ وقت ڏنو وڃي، افغاني وزيراعظم

افغانستان جي وزيراعظم پاڪستان کان گهر ڪئي آهي ته افغانين جي تذليل نه ڪريو

جيڪڏهن اوهان جو امارت اسلامي سان ڪو مسئلو آهي ته اهو ڳالهين سان حل ٿي سگهي ٿو

ڪابل (م د) افغانستان جي وزيراعظم ملا حسن آخوند پاڪستان کان گهر ڪئي آهي ته افغانين جي تذليل نه ڪريو. پر ڪين وطن واپسي لاءِ وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مڪاني چونڊ، مرتضيٰ وهاب صدر يوسي 13 جو چيئرمين منتخب

چيئرمين جي سيٽ تي پ پ جو مرتضيٰ وهاب 3976 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو

جماعت اسلامي جي اميدوار نور السلام 1566 ووٽ حاصل ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب صدر جي يوسي 13 جو چيئرمين چونڊجي ويو. ڪراچي جي پنجن ضلعن ۾ اڄ چيئرمين، وائيس چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

تهران: حماس اڳواڻ جي آيت الله خامنه اي سان ملاقات

اسام حمدان اسماعيل هنيه جي تهران پهچڻ بابت ٻڌايو پر ايران جي دوري بابت وڌيڪ تفصيل نه ٻڌايو

اسرائيلي فوج اڄ به غزه ۾ اسماعيل هنيه جي گهر تي ڊرون حملو ڪيو

تهران (م د) حماس جو سربراهه اسماعيل هنيه تهران پهچي ويو جتي هن ايراني سپريم ليڊر آيت الله خامنه اي سان ملاقات ڪئي عرب ميڊيا جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير هيلٿ ڊاڪٽر نديم جان ڪميونٽي هيلٿ سينٽر جو دورو ڪندي

ڪانگو وائرس جانورن مان انسانن ۾ منتقل ٿيو: ڊبليو ايڇ او

سڄي دنيا ۾ ڪانگو وائرس کان متاثر ٿيلن ۾ وڏي تعداد ۾ ڊاڪٽر ۽ نرسون شامل آهن

ڪانگو وائرس سبب فوت ٿيلن جي تدفين لاءِ به احتياط جي ضرورت آهي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (ڊبليو ايڇ او) جو چوڻ آهي ته موتمار ڪانگو وائرس جانورن مان انسانن ۾ پکڙجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

چونڊن جي حوالي سان ملڪي تاريخ چڱي ناهي رهي: نويد قمر

ايندڙ عام چونڊون جوڊيشل جي ذريعي ڪرايون وڃن يا ايگزيڪٽو جي ذريعي اسان تي ڪو به فرق نه ٿو پوي

ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيڻ واريون آهن هاڻي چونڊن کان پوءِ بهانو بڻائي پڇڻ ڏکيو هوندو پ پ اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد نويد قمر چيو آهي ته ايندڙ عام چونڊون جوڊيشل جي ذريعي ڪرايون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ عام واهپي جي شين جون قيمتون وڌي ويون

اڄ بازار ۾ ادرڪ 600، بصر 120، پٽاٽا 120 ۽ ٽماٽا 200 روپيه، پيئندي 130 ۽ گوبي 150 روپيه في ڪلو وڪرو ٿي رهيا آهن

پيٽرول جي قيمت گهٽ ٿي آهي پر اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگائي ۾ لاٿ نه اچي سگهي آهي: خريدار

لاهور (م د) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ جي باوجود ملڪ جي سمورن وڏن شهرن ۾ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ لاٿ نه اچي سگهي آهي. لاهور ۾ مهانگائي جي لهر جا اثر اڄ بازار نائين ڀهچي ويا آهن. اڄ بازار ۾ ادرڪ 600. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پي ٽي آءِ ترجمان اسد قيصر گرفتاري جي ذميواري پرويز خٽڪ مٿان وجهي ڇڏي

اسد قيصر پرويز خٽڪ جي هڪ مخالف کي پي ٽي آءِ ۾ شامل ڪرايو هو: شعيب شاهين

اسد قيصر جي معلومات موجب پرويز خٽڪ جوان جي گرفتاري ۾ ڪردار آهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي ترجمان شعيب شاهين اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسد قيصر جي گرفتاري جي ذميواري پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جي سربراهه پرويز خٽڪ مٿان وجهي ڇڏي. نجي چينل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد جي عدالت فواد چوڌري کي 2 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي بڪتربند گاڏي ۾ ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪمپليڪس آندو ويو

پوليس فواد چوڌري جي منهن تي ڪپڙو وجهي ڊيوٽي مئجسٽريٽ عباس شاهه جي عدالت ۾ پيش ڪيو

فواد چوڌري کي ظهير نالي شخص طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر تي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد: اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي مقامي عدالت ۾ آندو پيو وڃي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد جي مقامي عدالت اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ 2 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ تيزي ۽ سان واڌ جو سلسلو جاري

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ تيزي ۽ سان واڌ جو سلسلو جاري آهي. اڄ به سون جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

گهڻو اهم آهي ته اليڪشن ڪميشن جي ڏنل تاريخ تي اليڪشن ٿئي: رضا رباني

2023ع جي پهرين نصف ۾ 217 حملن ۾ 389 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ 256 زخمي ٿيا

اهو نظر ۾ رکيو وڃي ته غير قانوني رهندڙ افغان پناهگيرن جي واپسي جي وقت هي حملا ٿيا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي سينيٽ جي چيئرمين رضا رباني چيو آهي ته گهڻو اهم آهي ته نيشنل ايڪشن پلان تي عمل ٿئي ۽ اليڪشن ڪميشن جي ڏنل تاريخ تي اليڪشن ٿئي. هڪ بيان ۾ رضا رباني چيو ته سيڪيورٽي فورسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

فيض آباد ڌرڻو ۽ ماضي کي وساري اڳتي وڌڻ جي تجويز

راجا پرويز اشرف سياسي پارٽين وچ ۾ ڊائلاگ ۽ نئين سوشل ڪانٽريڪٽ جي تجويز به ڏئي ڇڏي

ڇا فيض آباد ڌرڻي جي ڪردارن کي گهرائي حقيقتون سامهون آڻڻ گهرجن: راجا پرويز اشرف

ڇا اسان کي ماضي ۾ هلڻو آهي، يا مستقبل به ڪا شئي آهي. جنهن ۾ قدم رکڻو آهي. مشورو ڪيو

رائيونڊ: تبليغي اجتماع جي اختتامي دعا ۾ شرڪت ڪندڙ دعا گهرندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف فيض آباد ڌرڻي ۽ ماضي وساري اڳتي وڌڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي. هڪ انٽرويو ۾ قومي اسيمبلي اسپيڪر ۽ پيپلز پارٽي اڳواڻ راجا پرويز اشرف سياسي پارٽين وچ ۾ ڊائلاگ ۽ نئين سوشل ڪانٽريڪٽ جي تجويز به ڏئي ڇڏي. راجا پرويز اشرف کان سوال ڪيو ويو ته ڇا فيض آباد ڌرڻي جي ڪردارن کي گهرائي حقيقتون سامهون آڻڻ گهرجن. جواب ۾ هن چيو ته جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي. ان جو اسان کي نتيجو ڏيڻو آهي. اسان 75.76 سال گذرڻ جي باوجود پنهنجي پيرن تي ٺاهيون بيٺا. هن چيو ته ڇا اسان کي ماضي ۾ هلڻو آهي. يا مستقبل به ڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسرائيلي فوج جي نگراني ۾ مقامي ۽ پرڏيهي صحافين پاران غزه جو دورو

اسرائيلي فوج جي نگراني ۾ مقامي ۽ پرڏيهي صحافين اتر غزه جو دورو ڪيو آهي ۽ تباهي پنهنجي اکين سان ڏٺي

عرب ميڊيا مطابق اتر غزه جو دورو ڪندڙ آسٽريلوي ميڊيا جي صحافي چيو ته هي مڪمل تباهي جو منظر آهي

غزه ۾ عمارتون بمباري سان داغدار ۽ ڪارين ٿي ويون آهن. ٽينڪن جي بمباري سان باهه جا شعلا ڏسي سگهجن ٿا

تل ابيب (م د) اسرائيلي فوج جي نگراني ۾ مقامي ۽ پرڏيهي صحافين اتر غزه جو دورو ڪيو آهي. ۽ تباهي پنهنجي اکين سان ڏٺي. عرب ميڊيا مطابق اتر غزه جو دورو ڪندڙ آسٽريلوي ميڊيا جي صحافي چيو ته هي مڪمل تباهي جو منظر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسان کي ٻڌايو ئي نه ويو ته فواد کي ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو: حبا فواد

قسم سان چوان ٿي ته اهڙو ڪجهه ناهي، جي ڪڏهن ڪجهه هجي ها ته ڇا پاڪستان ڊيموڪريٽڪ فواد کي ڇڏي ها

گذريل ڏينهن فردوس عاشق اعوان چيو هو ته فواد چوڌري جو رستو نيڪ ناهي، فواد چوڌري جي زال حبا فواد جون ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي زال حبا فواد چيو آهي ته اسان کي ٻڌايو ئي نه ويو آهي ته فواد کي ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هاڻي پتو پيو ته فواد چوڌري تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

افغان پناهگيرن جي نيڪالي لاءِ سنڌ هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ طرفان ريلي ڪڍي وئي

سنڌي هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ طرفان ميرپورخاص شهر ۾ هزارين ماڻهن جي ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتون، ٻارڙا، هاري، مزدور، شاگرد، وڪيل ۽ آبادگار شامل هئا. ريلي ۾ سخت نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڪاس آهي، صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي اڃا تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي، اڳواڻ

لاهور: پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ ويمن ونگ طرفان فلسطيني جي حق ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ميرپورخاص (رپورٽر) افغانين ۽ ٻين غير ملڪين جي نيڪالي ۽ جاگيرداري نظام جي خاتمي لاءِ، زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ناڻي جي ڀڃ وڌائڻ لاءِ اسٽيٽ بئنڪ ۽ عرب مانيٽري فنڊ ۾ معاهدو

ڪراچي (م د) ناڻي جي ڀڃ وڌائڻ لاءِ، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ۽ عرب مانيٽري فنڊ وچ ۾ مفاهمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ننڊو شهر ۾ قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن پاران شاهنواز چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

فيض محمد ڪوسو رازق ڏنو چلگري اسماعيل ملاح اڪبر ملاح منظور علي درس ۽ ٻين پاران شرڪت

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ انتهاپسند گروهه طرفان سنڌي ٻولي خلاف تعصباڻو رويو ختم ڪيو وڃي: مظاهرين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ننڊو شهر ۾ قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان شاهه نواز چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻن محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊوالهيار ويجهو ننڊو موري وٽ

غيرقانوني وڻن جي واڍي خلاف

احتجاج جو نوٽيس

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ويجهو ننڊو موري وٽ فاريسٽ ڪاٽي طرفان مبينا غيرقانوني وڻن جي واڍي ڪرڻ تي ڳوٺاڻن پاران ڪيل احتجاج جو ڊپٽي ڪمشنر الطاف گوهر ميمڻ نوٽيس ورتو ڊپٽي ڪمشنر جي حڪم تي روينيو آفيسر ۽ پوليس نصيرواهه تي پهچي ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪئي ٻئي طرف ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين: قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جا جوابدار گرفتار نه ٿيا، احتجاجي مظاهرو

نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ سياسي سماجي ڌرين جي ڪارڪنن پاران احتجاج ڪيو ويو

اصل جوابدار ڌوهاري گينگ جا ميمبر محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ ۽ ٻيا آهن: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ، سنڌن دهشتگرد ساٿارين سان گڏ: سنڌن سرڪاري سرپرست، دهشتگردن جي ساٿي سب انسپيڪٽر طارق خالد ۽ سنڌس قتل ٽيم کي هڪدم گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏني وڃي نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ سياسي سماجي ڌرين جي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ڏاڍاين خلاف پٽي برادري پاران احتجاج

زمين تي مبينا قبضي ۽ حملي آور جوابدارن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف پٽي برادري طرفان ريلي

بااثر وڏيري اختر پٽي غريب مسڪين ماڻهن جي 80 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري ويٺو آهي: مظاهرين

پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمين تان هرگز هٽ نه ڪنداسين مسئلو حل ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رهندي: ڳالهيون

مانجهند (رپورٽ مهران عمراڻي) مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ڏاڍاين خلاف پٽي برادري طرفان ڏينهن ۾ احتجاج عوامي عدالت ۽ سڄاڻ ڌرين طرفان ساٿ ڏيڻ جو اعلان تفصيل موجب مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ حملي آور جوابدارن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف پٽي برادري طرفان ڏينهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ميهڙ ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽجي نه

سگهيو، ڪتي جي چڪ لڳڻ سبب 2

عورتون زخمي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ ۾ ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو ڪتي جي چڪ لڳڻ سبب ٻه عورتون زخمي ٿي پيون، ڪتن ۾ واڌ ٿيڻ ڪري شهرين ۾ خوف پکڙجي ويو آهي، زخمي ٿيندڙ عورتن کي اسپتال پهچايو ويو عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مانجهند: زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ڏاڍاين خلاف پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪندي

ڪنڌڪوٽ جي پرياسي ڳوٺ قياس آباد پيو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

عبدالمالڪ پيو، رياض احمد پيو، خادم حسين، منير احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڪنڌڪوٽ جي پيو برادري سان ٿيندڙ زيادتيون ڪشمور پوليس حد کان وڌي وئي آهي: مظاهرين

پوليس زيادتين جو سلسلو بند نه ڪيو ويو ته پيو برادري سنڌ ۾ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندي: اڳواڻ

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪنڌڪوٽ جي پرياسي ڳوٺ قياس آباد پيو جي رهواسين پيو برادري جي وڏي انگ ۾ ايڊووڪيٽ اياز احمد پيو، عبدالمالڪ پيو، رياض احمد پيو، خادم حسين، منير احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پوليس جي زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس ۽ بيگناهه ماڻهن جي گرفتاري خلاف سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پيپلز پارٽي روهڙي طرفان نيو يارڊ ڪالوني ۾ سياسي قوت جو مظاهرو، شاندار عوامي جلسو

اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ ۽ ٻين جي شرڪت

جذبن ۽ پيار تي اوهانجو ٿورائتو آهيان ايندڙ عام چونڊن 8 فيبروري تي پ پ جا اميدوار ڪامياب ٿيندو

هتي فلٽر پلانٽ، ڪيٽل ڪالوني، اسڪولن جي اپ گريڊيشن سميت ٻين مسئلن کي حل ڪيو ويو: اڳواڻ

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي روهڙي طرفان نيو يارڊ ڪالوني ۾ سياسي قوت جو مظاهرو شاندار عوامي جلسو منعقد جلسي ۾ اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سنڌي شاگرد تحريڪ ٽرپاڪر

طرفان ڪراچي يونيورسٽيءَ

انتظاميا خلاف احتجاج

مٺي (ڊ ر) سنڌي شاگرد تحريڪ ٿرپاڪر طرفان اڄ مٺي ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي ايس ايس ٽي مرڪزي صدر دانش پرمار، قومي عوامي تحريڪ ضلعي صدر شاهنواز هگورجو، جنرل سيڪريٽري صبحان بجير، قومي عوامي تحريڪ مرڪزي اڳواڻ زاهد گل اوٺو، پرشوتم پرمار، وزير سميجو، سيالو اوٺو، پرت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي کي پيتا، اينگرو ڪيمپس اسڪول جو نالو مٽايو ويو، مڃتا تقريب منعقد

ڊاڪٽر اشوڪ هڪ شاندار پروفيشنل هئڻ سان گڏوگڏ زنده دل ۽ مهمان نواز شخص هو: يوسف صديقي

اشوڪ بختاڻي تاريخ جو حصو هو، هن جي يادگاشت ڪمال جي هئي، هو هڪ پروفيشنل سان گڏ زنده دل ماڻهو هو

هو ماڻهن جي ڀلائي چاهيندو، سندس پروفيشنل زندگي به ماڻهن جي ڀلائي وارن ڪمن ۾ گذري: تقريب کي خطاب

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٿرپارڪر جي نامياري ڏاهي ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي کي پيتا ڪندي مٺي ۾ موجود اينگرو ڪيمپس اسڪول جو نالو بدلائي ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي ڪيمپس اسڪول رکيو ويو، اينگرو انرجي جي سي اي او يوسف صديقي چيو آهي ته ڊاڪٽر اشوڪ هڪ شاندار پروفيشنل هئڻ سان گڏوگڏ زنده دل ۽ مهمان نواز شخص هو ٿر جي ماڻهن لاءِ ڪيل سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڄاول ضلع ۾ پيپلزپارٽي ٻن واضع ڌڙن ۾ تقسيم، ٻن سياسي طاقتن طرفان پاور شو

ٻن ڌڙن پاران هڪ ئي وقت ۽ هڪ ئي يونين ڪائونسل ۾ 2 جدا جدا عوامي جلسا منعقد ڪيا ويا

ڳوٺ گل محمد سولنگي ۾ پ پ ورڪر محمد صالح سولنگي جي جلسي ۾ محمد علي ملڪاڻي ۽ ٻيا سريڪ

فتح محمد ابڙو ۾ فقط هڪ ڪلوميٽر جي فاصلي تي پ پ ۾ شامل شيرازي برادران پاران الڳ پاور شو ڪيو ويو

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو: سڄاول ضلع ۾ پيپلزپارٽي ٻن واضع ڌڙن ۾ تقسيم...!! دڙو لڳ يوسي اڪبر شاهه ۾ پ پ جي ٻن سياسي طاقتن طرفان پاور شو...!! 2 جدا جدا جلسي عام منعقد، پنهي جلسن ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت، ريلي، تفصيل موجب سڄاول ضلع ۾ پ پ ٻن ڌڙن ۾ تقسيم ٿي وئي آهي، پ پ جي ٻن ڌڙن پاران هڪ ئي وقت ۽ هڪ ئي يونين ڪائونسل ۾ 2 جدا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ملڪ کي معدني وسيلن جي ٻارڻ تي

ٻڌل توانائي جي منصوبن تي پروسو نه

ڪرڻ گهرجي: ماهر

سانگهڙ (رپورٽر) سماجي تنظيم سسٽين ايبل ڊولپمينٽ فائونڊيشن ۽ گرو گرين نيٽ ورڪ ۾ شامل پاڪستان جي سول سوسائٽي جي تنظيمن سمورين سياسي پارٽين تي زور ڀريو آهي ته توانائي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ (سسٽين ايبل ڊولپمينٽ فائونڊيشن) پاران (سانگهڙ) ۾ (هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو: پ پ جي جلسي کي اڳوڻو ايم اين اي اياز شاهه شيرازي ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

دادو جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ ڏانو چانڊيو ۾ ٻن ڌرين ۾ تڪرار تيز

اڪبر چانڊيو جي هٿيار بند ڌر رستم چانڊيو جي گهرن تي فائرنگ ڪري مينهون ماري ڇڏيون

فائرنگ جو سلسلو جاري، ساڄن چانڊيو پريس ڪلب آڏو مظاهري بعد انصاف جي گهر ڪري ڇڏي

جلد ڳوٺ ڏانو چانڊيو ۾ پوليس پڪٽ قائم ڪري وڏيڪ جاني مالي نقصان ٿيڻ کان بچايو وڃي: مطالبو

دادو (ن سنڌيار) دادو جي ڪچي واري علائقي ۾ واقع ڳوٺ ڏانو چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي 2 ڌرين ۾ زميني تڪرار تيز ٿي ويو. فائرنگ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو، هڪ ڌر جو چوڻ آهي ته اڪبر چانڊيو جي هٿيار بند رستم چانڊيو جي گهرن تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪري 3 ڪان وڌيڪ مينهون ماري ڇڏيون. ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري، متاثر ڌر رستم ۽ ساڄن چانڊيو دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو اي سيڪشن پوليس جو اسٽريٽ ڪرمنلن سان مقابلو، هڪ ڦورو گرفتار

گشت دوران پوليس پارٽي ايس ايڇ او محمود خان پناڻ جو هٿيار بندن سان مقابلو ٿيو

زخمي حالت ۾ گرفتار ڦورو جي سڃاڻپ محمد علي عرف صمد خاصخيلي نالي ٿي آهي

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سيوهڻ لنڪ روڊ تي مبينا پوليس مقابلو هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار پوليس ان وٽان پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي، زخمي حالت ۾ گرفتار ڦورو جي سڃاڻپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

شفا فائونڊيشن نوشهرو فيروز چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ طرفان ٻن ڏينهن جو تربيتي پروگرام

پروگرام ۾ استادن، صحافين، پوليس اهلڪارن، مانيٽرنگ آفيسر سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي

نقصانن سان گڏ پيدا ٿيندڙ نفسياتي مسئلن کي ڄاڻڻ، انهن کي روڪڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ هيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) شفا فائونڊيشن نوشهرو فيروز چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ طرفان مختلف شعبن سان لاڳاپيل ادارن جي ماڻهن لاءِ ٻن ڏينهن جو تربيتي پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ استادن، صحافين، پوليس اهلڪارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: شفا فائونڊيشن نوشهرو فيروز چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ طرفان تربيتي پروگرام ٿي رهيو آهي

پاڪستان تحريڪ انصاف تعلقه دادو جو اجلاس ٿي گذريو، ڪارڪنن پاران شرڪت

عهديدارن کي ڪراچي ۾ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سان ٿيل ملاقات بابت آگاهي

اليڪشن جي تياري لاءِ ورڪرن سان رابطو تيز ڪرڻ ۽ عوام سان رابطا مهم وڌائڻ تي اتفاق

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف تعلقه دادو جو اجلاس ٿي گذريو جنهن جي صدارت تعلقه دادو جي صدر ظهير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو تعلقي جي ڳوٺ جار خان ٻاٽ جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

آصف رضا ٻاٽ، عباس علي ٻاٽ، اڪبر خان ٻاٽ پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪيو

جوابدارن سان ٻه ڀيرا ٿيندڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) دادو تعلقي جي ڳوٺ جار خان ٻاٽ جي رهواسين آصف رضا ٻاٽ، عباس علي ٻاٽ، اڪبر خان ٻاٽ دادو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري اسپتال مرف حوالي ٿيڻ بعد زوال پذيري جو شڪار

اسپتال عوام کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي بجاءِ ڪوس گهر بڻجي وئي

مرف انتظاميا ٺٽي جي مظلوم عوام لاءِ هڪ ڪارڊ جو روپ ڌاري چڪي آهي: امجد شورو

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري اسپتال جنهن کي پيپلز پارٽي جي گذريل دور ۾ هڪ غير سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: سول اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺاروشاهه جي راجپوت محلا مان مبينا طور 12 سالا ناري اغوا، 4 ڄڻن تي ڪيس داخل

رهواسي شمشاد راجپوت ۽ زال ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪندي انصاف جي گهر ڪئي

بااثر اسانجي 12 سالا معصوم ناري ثمرين راجپوت کي اغوا ڪري ڪٺي ويا آهن: شمشاد راجپوت

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه جي راجپوت محلا مان مبينا طور 12 سالا ناري اغوا چار ڄڻن تي ڪيس داخل بازيابي نه ٿيڻ خلاف سندس امڙ ۽ ابي جون دانهون احتجاج. ٺاروشاهه جي وارڊ نمبر 5 راجپوت محلا جي رهواسين زال مڙس شمشاد راجپوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايس ايس پي بدين جي سخت هدايتن بعد گلاب لغاري جون ڪارروايون

گلاب لغاري پوليس پاران محمد بخش سيال کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪئي وئي

محمد موسيٰ ٻبر جي فرياد تي قلم 3/4 منشيات آرڊيننس تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) لغاري ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي سخت هدايتن بعد گلاب لغاري پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري آهن. گلاب لغاري پوليس پاران محمد بخش سيال کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

گلاب لغاري: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر اچن ٿا

دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرڄڻهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ احتجاج

ٽريڪ تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي 286 ڏينهن مڪمل

بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي: مشهور ميمڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرڄڻهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي 286 ڏينهن مڪمل، تحريڪ 9 مهينا 14 ڏينهن جاري ۽ فورم پاران وڃن ڪيو ويو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون

سي آءِ اي انچارج شفيع محمد گولو پنهنجي ٽيم سان ڪچي شراب جي ڀٽين تي ڇاپو هنيو

ڳوٺ گهار ملاح جي ٻن گهرن تي ڇاپو هڻي 23 سئو ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪيو ويو آهي: شفيع محمد

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروائين دوران ٽنڊو شهر لڳ ڳوٺ گهار ملاح ۾ سي آءِ اي انچارج شفيع محمد گولو پاران پنهنجي ٽيم سان ڪچي شراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سيتارجا واسي نوجوان پاران نياڻي سان گڏ اڳوڻي گهرواري جي مبينا ظلمن خلاف احتجاج

گهرواري ٻاراڻي سان گڏجي ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي: مظاهرين

اڳوڻي گهرواري مونکي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿي بااثر ماڻهن کان ڌمڪيون ڏياري ٿي

نڪرانو (رپورٽر) سيتارجا واسي نوجوان پنهنجي نياڻي سان گڏ اڳوڻي گهرواري جي مبينا ظلمن خلاف نڪرانو پريس پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو اڳوڻي گهرواري ٻاراڻي سان گڏجي ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نڪرانو: نوجوان نياڻي سان گڏ اڳوڻي گهرواري جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ الله بخش سهتو مان اغوا ٿيل 2 ڀينرون جو ڪيس داخل

ٿاڻي تي مغوي نياڻين جي پيءُ علي نواز سهتو جي فرياد تي 4 مک جوابدارن سميت 12 ڄڻن تي ڪيس داخل

جوابدار بااثر هجڻ تي پوليس ڪين گرفتار ڪرڻ بدران ڪلي ڇوٽ ڏيو ويٺي آهي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: والد

اغوا ڪندڙ ۽ سندن سهولت ڪارن کي گرفتار ڪري سزا ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ الله بخش سهتو مان مبينا اغوا ٿيل ٻن نابالغ نياڻين (م. ن ۽ ع) سهتو جي اغوا وارين ميڊيا تي خبرن جي اچڻ بعد ٽنڊو غلام علي ٿاڻي تي مغوي نياڻين جي پيءُ علي نواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو غلام علي: مبينا اغوا ٿيل نياڻيون ۽ سندس پيءُ علي نواز سهتو

دادو جي معروف خانگي تعليمي اداري

ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول

۾ ايوارڊ تقريب

دادو (ن سنڌيار) دادو ضلعي جي مشهور ۽ معروف خانگي تعليمي اداري ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول دادو جي سالياني ايوارڊ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال نامور تعليمي ماهر غلام نبي ملاح ڪئي. تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز ۾ ضمني بلدياتي چونڊن جي مختلف ڪيٽيگرين ۾ پيپلزپارٽي سوڀاري

ڪيٽيگرين ۾ چار سيٽن تي پيپلزپارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا آهن

شوڪت علي ڪلهوڙو، غلام مصطفيٰ سولنگي، حسين بخش سهتو ۽ سڄاد حسين ڪامياب

نوشهرو فيروز (د ر) ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ضمني بلدياتي چونڊن جي مختلف ڪيٽيگرين جي چار سيٽن تي پاڪستان پيپلزپارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر خالد مرزا موجب جن تعلق ڪنڊيارو ج وڻن ڪائونسل 11 سومر جنرل ج وائيس چيئرمين ج ست ت شوڪت علي ڪلهوڙو، تعلق ڀرا ج وڻن ڪائونسل 37 ڊلپوٽا ج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نياڻين لاءِ تعليم جي اهميت جي عنوان هيٺ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ پيرينٽس گڏجاڻي

ڏهن سالن کانپوءِ ڪاليج ۾ تعليمي پروگرام ڪرڻ تي پرنسپال جس لهڻي: ساجها وند

حلف نامون جمع نڪين پرنسپال جون نياڻين جي تعليم بابت ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن

بهترين فيميل ليڪچررز ۽ پروفيسرز موجود آهن جن وٽان نياڻيون گهڻو ڪجهه پرائينديون: پرنسپال

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نياڻين لاءِ تعليم جي اهميت جي عنوان هيٺ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ پيرينٽس گڏجاڻي ڪئي وئي جنهن ۾ والدين جي ڀرپور شرڪت، گڏيل پنهنجي نياڻين کي ڪاليج ضرور موڪليندا سين گڏيل حلف نامون جمع ڪرايو ويو پرنسپال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مٽياري واسي روڊ حادثي ۾ زخمي

ٽيل يار محمد خشڪ زخمن جا سور

نه سهندي فوت

مٽياري (رپورٽر) مٽياري واسي روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل يار محمد خشڪ زخمن جا سور نه سهندي حيدرآباد اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو. خبر موجب، مٽياري جي صحافي عادل خشڪ جي چاچي ڳوٺ يار محمد خشڪ جو رهواسي 35 سالا يار محمد خشڪ سان گذريل ڏينهن حيدرآباد بائي پاس تي پيش آيل روڊ حادثي ۾ شديد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: پرنسيپال قرات العين عباسي گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهي آهي

سکر پوليس صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام

پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي نائب صدر خالد ٻانڀڻ جي اڳواڻي ۾ علامتي احتجاج ڪيو ويو

سکر ڪورٽ رپورٽرز ايسوايئشن صدر سليم سهتو، جلال الدين پيو، سحرش ڪوڪر ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاج ڪنداسين

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس 84 ڏينهن گذرڻ باوجود سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي نائب صدر خالد ٻانڀڻ جي اڳواڻي ۾ علامتي احتجاجي بک هڙتال وارو سلسلو جاري رکيو ويو جنهن ۾ سکر ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئيشن صدر سليم سهتو جلال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

محرابپور ۾ ڳوٺ شير خان لنڊ جي رهواسين پاران چيئرمين ٽائون فاروق خان لوڌي خلاف احتجاج

لنڊ برادري جي عورتن، مردن، معصوم ٻارڙن، چڳل خاتون، ڀاڳل خاتون جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ زمين هاريي تي آهي، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ فاروق لوڌي کي اها زمين ملي: مظاهرين

اسان پراڻا هاري سان گڏ پرسان اسان جا گهر آهن اسان زمين مناسب رقم تي خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: ڳالهيون

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) ڳوٺ شير خان لنڊ جا رهواسي هاري اڳوٺي چيئرمين ٽائون فاروق خان لوڌي خلاف سراپا احتجاج بڻجي ويا. ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ونگارون پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميهڙ پرسان ٽرڙي محبت ٿاڻي

جي حد مسافر پير وٽ پوليس جو

ڌوهارين سان مبينا مقابلو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان ٽرڙي محبت ٿاڻي جي حد مسافر پير پرسان پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو هڪ ڄڻو زخمي حالت ۾ گرفتار ۽ هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوا ۽ ساٿي جوابدار فرار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل ڌوهاري جي سڃاڻپ ڪاشف علي وگهيو طور ٿي آهي زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل ڌوهاري کي اعلاج لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

محرابپور: ڳوٺ شير خان لنڊ جا رهواسي چيئرمين ٽائون فاروق خان لوڌي خلاف احتجاج ڪندي

سمس اسپتال جي پيٿالوجسٽ جي حسن ڪارڪردگي: صحافي انجم ڀڳهيو کي غلط رپورٽ فراهم

پيٿالوجسٽ شهدادپور جي سينئر صحافي انجم ڀڳهيو کي غلط رپورٽ ڏئي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو

انجم ڀڳهيو کي ڪيس گردي جي ڊائلاسس جي ڪري مختلف رپورٽون ڪرائڻ جو مشورو ڏنو ويو هيو

معاملي جي جاچ ڪئي وڃي ۽ سمس اسپتال ۾ مقرر پيٿالوجسٽ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) شهدادپور سمس اسپتال جي پيٿالوجسٽ ڪمال جو ڪر ڏيکاري ڇڏيو، شهدادپور جي سينئر صحافي انجم ڀڳهيو کي غلط رپورٽ ڏيڻ سبب ذهني مريض بڻائي ڇڏيو، پريشاني جو شڪار صحافي ڳنتي سبب بستري پيٽو ٿي ويو، ڪراچي جي صحافين پاران پيٿالوجسٽ خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي، تفصيل موجب شهدادپور جي سينئر صحافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع بدين پاران فلسطيني مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

اظهار يڪجهتي لاءِ ڊي سي چوڪ بدين کان نيشنل پريس ڪلب تائين هزارين ماڻهن جي ريلي نڪتي

غزه کنڊر بڻجي ويو پر مسلم امت مذمتي بيانن کان اڳيان نه وڌي سگهي، نام نهاد علمبردار خاموش آهن

آمريڪا، برطانيه، فرانس ۽ ڀارت جي اسرائيل کي پٺڀرائي مان ثابت ٿيو ته عالم ڪفر هڪ ٿي چڪو آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع بدين پاران فلسطيني مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ڊي سي چوڪ بدين کان نيشنل پريس ڪلب تائين هزارين ماڻهن جي ريلي، اسرائيلي دهشتگردي نامنظور جا نعرا، اسلامي ملڪن جي ڪردار تي افسوس جو اظهار، رپورٽ موجب ريلي کي خطاب ڪندي مرڪزي جماعت اهلسنت صوبه سنڌ جي ترجمان علامه حبيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

انجمن تاجران ٽنڊوالهيار جي

آفيس تي شهر جي مختلف بازارن

جي واپارين پاران احتجاج

ٽنڊو الهيار (رپورٽر) انجمن تاجران ٽنڊوالهيار جي آفيس تي شهر جي مختلف بازارن جي واپارين پهچي انجمن جي صدر وقار حميد ميمڻ کي ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (سي آءِ اي) ٽنڊوالهيار (فوڊ اٿارٽي) اختيارين جو ناجائز استعمال ڪندي واپارين کي ناحق حراسان ڪري سامان جي ڦرلٽ ڪرڻ کان آگاهه ڪيو ۽ اهو به ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: مرڪزي جماعت اهلسنت طرفان فلسطينن جي حمايت ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نڪرانو ۾ صحافين ۽ شهرين پاران جان محمد مهر جي جوابدارن خلاف احتجاج

سهولتڪار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

سنڌ پوليس ۽ سکر پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي: مظاهرين

جان محمد مهر جو قتل هڪ صحافي جو قتل نه آهي پر انسانيت ۽ پوري صحافت جو قتل آهي

نڪرانو (رپورٽر) نڪرانو ۾ صحافين ۽ شهرين جو شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار ۽ سهولتڪار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو پوليس جي نااهلي خلاف ڄٽي نعري بازي شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ڪري صحافين ۾ ٿهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي مطالبو خبر موجب نڪرانو ۾ صحافين ۽ شهرين پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 06 نومبر 2023ع

ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جا ”پٽڙ هضم _ لڪڙ هضم“ ڪامورا

هن ملڪ ۾ سرڪاري ادارن کي تباهه ڪرڻ ۽ انهن جي ڦرلٽ جا اهڃاڻ ته دل ڏوڏيندڙ لقاءُ نظر اچن ٿا. جو ان ڦرلٽ اڳيان دنيا جا وڏي ۾ وڏا ڌاڙا به ڪجهه نه آهن. هونئن ته ڪرپشن جو سڄ سڄي ملڪ ۾ آب ۽ تاب سان چمڪي ٿو پر پين صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ ته سرڪاري اثاثن کي تباهه ڪرڻ ۽ ڦرلٽ لاءِ ذميوار ”پٽڙ هضم _ لڪڙ هضم“ ڪاموري ڪرم ته اڃان به ٻه وکون اڳتي آهي. سنڌ جو پهلا اهو کهڙو ادارو آهي، جيڪو هن اڌوهيءَ کان بچيو هجي؟ سرڪاري ادارن سان ڪيل اهڙي بيدرديءَ جو هڪ مثال سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پڻ آهي. جتي 27 سال اڳ جرمنيءَ طرفان مليل 6 جديد پرنٽنگ مشينون رڳو ان ڪري استعمال نه ڪيون ويون ته جيئن شاگردن جي لاءِ ڪورس جي ڪتابن جي ٺيڪيداري سسٽم ذريعي ڇپائي ۾ ملندڙ ڪميشن کان محروم نه رهجي وڃجي. خبر موجب: سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ کي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ 27 سال اڳ مليل 6 جديد مشينون کوليون ئي نه ويون. جن مان 4 مشينون رکي رکي ضايع ٿي ويون. جڏهن ته باقي ٻن مشينن کي به فعال ڪرڻ لاءِ ڳري رقم گهربل آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ طرفان معاملي جي جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

شايد ئي ڪو ڏينهن هجي، جو سنڌ ۾ ”عجب ڪرپشن جون غضب ڪهاڻيون“ ميڊيا جي توسط سان ماڻهن تائين نه پهچنديون هجن. ڪرپشن جو ڪينسر سمورن سرڪاري ادارن جي سرير ۾ سرايت ڪري چڪو آهي. ادارن کي ڦُري لُٽي تباهه ڪري بي لاپ بڻايو ويو آهي. حيرت اها آهي ته احتساب ۽ ڇنڊڇاڻ وارن ادارن جي موجودگي باوجود ان ڪرپشن جو ڪوبه ڇنڊڇاڻ نٿو ٿئي. ڇنڊڇاڻ نه ٿيڻ جو سمجهه ۾ ايندڙ سبب ان ڪرپشن مان ڪاٽي جي ”منڍ کان پوڇڙ تائين“ سيني جو سيراب ٿيڻ آهي. صرف ۽ صرف ڪنهن اداري جو سربراهه اڪيلو ئي ڪنهن وڏي ڪرپشن جو ذميوار نه هوندو آهي. ڪرپشن جي واهڙ مان اهي سڀ هٿ ڌوئيندا آهن، جن طرفان اداري جي سربراهه کي ڪرپشن لاءِ ڇوٽ ڏنل هوندي آهي، تنهنڪري ان جي ڪا به پڪڙ نه ٿيندي آهي. 6 جديد مشينون جرمنيءَ کان تعليم کاتي جي هن اداري کي 27 سال اڳ مليون هيون پر استعمال رڳو ان ڪري نه ٿيون ته جيئن بورڊ جي اختيار ڌڻين جي ڪميشن واري سلسلي کي ڪو گرهڻ نه لڳي. انهن 27 سالن مان 15 سال پ پ پ جي لڳاتار حڪمرانيءَ جا پڻ شامل آهن. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڪتاب ٺيڪيداري سسٽم تحت ڇپرائي ٿو. پر اهي ڪتاب اداري جي پنهنجين مشينن تي ڇپجن ها ته انهن تي گهٽ خرچ اچي ها پر ان سان ڪاموري ڪڙم جي ڏاٽ ته ٿوري چرير ڪري ها پر گرم نه ٿئي ها. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي حوالي سان رڳو هن سال جا انگ اکر ڏسجن ته ڏندين آڱريون اچي ٿيون وڃن. هلندڙ سال ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ 2 ارب، 53 ڪروڙ رپيا رقم رکي وئي. توڙي جو 48 لک ٻارن کي ڪتابن جي فراهمي ٿيڻي هئي پر ڪتاب گهٽ ڇپرائي صرف 18 لک ٻارن کي ڪورس جا ڪتاب ڏنا ويا. جيڪڏهن حساب لڳائجي ته اها ڳالهه چٽي ٿي سامهون ايندي ته هلندڙ سال سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ صرف 37 سيڪڙو ٻارن کي ڪورس جا ڪتاب ڏنا. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته هن اداري طرفان 63 سيڪڙو ٻارن کي ڪورس جي ڪتابن کان محروم رکيو ويو. پلان ڪان وڏي ٻي ڪهڙي ڪرپشن ٿي سگهي ٿي! جڏهن اهو معاملو ميڊيا تي آيو ته پهرين ته ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي اختيارين اها ڳالهه مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو ۽ ترديدن جا طوفان برپا ڪندا رهيا پر پوءِ جڏهن سڄي سنڌ مان آواز اٿڻ لڳا. تنهن ڪانپوءِ انهن مس مس اها ڳالهه مڃي پر جواز اهو ڏنو ته ڊالر جي اگهه ۾ اضافي سبب پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ وڌي ويا. جنهنڪري ڪتاب گهٽ ڇپجي سگهيا.

ڇهن پرنٽنگ مشينن کي استعمال نه ڪري ناڪارا بنائڻ جي جاچ ٿيڻ سٺي ڳالهه آهي پر اوري به معاملو اينتي ڪرپشن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو ويو ته ذميوارن جي پڪڙ ۾ اچڻ ۽ سزا تائين پهچڻ جا امڪان گهٽجي ويندا. جواتي به ”ڏنو، پٽ ڇُٽي جو“ وارو سِڪو هلي ٿو. ذميوارن خلاف ايف آءِ آر ڪٽجڻ گهرجي ۽ گرفتاريون ٿيڻ گهرجن. پيو ته هلندڙ سال ڪتاب گهٽ ڇپرائي جيڪا ڪرپشن ڪئي وئي آهي، انهن جي ذميوارن کي به احتساب جي وڪڙ ۾ آندو وڃي.

*****

بيهار به ملنداسين، ڪنهن دور ستاري تي ..

مولائي ملاح

خيرپور (ميرس) سنڌ، جتي ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ عزادار ايندا رهيا. هندستان جي علائقي ’يوپي‘ ۽ ’سي پي‘، عراق ۽ ايران جي ساحلي پٽيءَ کان آيل عزادار، خيرپور جي سرزمين تي قدم رکڻ ڪانپوءِ سدائين لاءِ رهي پيا. جن کي خيرپور ميرس جي مٽيءَ ماءُ ڏئي پنهنجي سيني تي سمهاري ڇڏيو. هونءَ ته سنڌ سموري، مهمان سادات جي آمد سان پري پئي آهي. جيڪي پنهنجي وطن کان هجرت ڪري هت آيا ۽ سنڌ جي مٽيءَ ۾ سمائجي ويا. پنهنجي جنم ڀومي، اباڻا ڪک ڪوبه ماڻهو سک کان ناهي ڇڏيندو. سادات سنڌ کي، امن، اجهي ۽ عزت ڀري نگاهه سبب پنهنجو مسڪن بڻايو.

بزرگ، اوليائن، فقيرن ۽ عزادارنِ مظلوم ڪربلا، سنڌ کي محبِ حسين (ع) جي سرزمين سمجهي آستانو بڻايو. هرات، مروند، عراق، نيشاپور ۽ ايران جي ساحلي پٽيءَ کان آيل سيد علي شاهه نقوي، سن 1901ع ۾ خيرپور رياست، ضلعي خيرپور ميرس جي تعلقي ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ جهنگو ۾ پڪڙا اڏي آباد ٿيا. هن وقت سندن پنجين پشت مان سيد جعفر علي شاهه نقوي اتي رهائش پذير هو. جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ اسان کان وڇڙي ويو. سندس آستاني جي اڱڻ ۾ بزرگن ۽ پائرن جون مزارون آهن. آستاني جي هڪ طرف ’خيما گاهه ڪربلا قائم آهي. جتي زيارتون رکيل آهن.

عمر گذري هي اسي دشت کي سياحي مين،
پانچوين پشت هئي شبير کي مداحي مين.

سيد جعفر علي شاهه نقوي، سان پهرين ملاقات قمر عباس لنڊ جي معرفت 29 مارچ 2023ع بمطابق 7 رمضان 1444هه ٿي. هن مختصر ڪچهريءَ ۾ ڪوڙ سارين ڳالهيون ڪري ورتيون سين. وٺن جي چوٽين تان لهندڙ سج جي روشنيءَ ساٿ نه ڏنو ته سيد کان ٻانهون ٻڌي موڪلايوسين، ان اميد سان ته بيهار اهڙي ئي جذبي ۽ نيڪ تمنائن سان ملنداسين.

سيد جعفر علي شاهه. جو بزرگ سيد علي شاهه نقوي، پيشي جي حوالي سان وڏو آرڪيٽيڪچر هو. فنِ تعمير جي حوالي سان وٽس وڏي مهارت ڄاڻ هئي. ٻاڻ ايران ۾ سرڪاري ملازم هئا. هت رياست خيرپور، سندس فني خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ 1901ع ۾ سرڪاري (طور) حڪم نامي سان گهرايس. ڪانئس پهريون خدمتون ’فيض محل‘ خيرپور لاءِ ورتيون ويون. سيد علي شاهه نقوي کي هتان جي موسم، ماڻهو، آبهوا ۽ عزادار، امن، محبت، سک ۽ سلامتي ڏاڍو متاثر ڪيو ٻاڻ هميشه لاءِ هت رهڻ جو فيصلو ڪيائون. ٻاڻ رياست خيرپور کان تعلقه ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ جهنگو ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

سيد جعفر علي شاهه نقوي جو جنم سيد مظفر علي شاهه نقوي جي گهر جهنگو ۾ سن 1912ع ۾ ٿيو. سادات عزادار گهراڻي جو فرد هئڻ ناتي سندس عزاداري سان گهري دلچسپي هئي. سنڌ ۾ تحفظِ عزاداري ۽ تقدس امام بارگاهه لاءِ ٻاڻ اريبندڙ سيد امام علي شاهه ڪاظمي (گمبٽ) جي ساٿ ۾ 12 سالن جي ڄمار ۾ 1968ع کان سلهاڙجي ويو. ٻاڻ ڏسيائين ته: ”12 هن سالن جو هئس ته. منهنجي ٻانهن والد صاحب بابا سيد امام علي شاهه حوالي ڪئي.“ سيد امام علي شاهه جي محبت، عزاداريءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جي عشق ۾ اهڙو رنگي ڇڏيو جو اڄ تائين خمار ۾ آهي. هن عزادار سيد پنهنجي سڄي حياتي عزاداري امام مظلوم کي اربي ڇڏي. سيد جعفر علي شاهه. جهنگو ۾ ماتمي انجمن ’پاسبانِ حسين‘ قائم ڪئي جنهن جو ٻاڻ تاحيات سرپرست آهي. جيڪا اڄ تائين علائقي ۾ فروغِ عزاداري جي سلسلي ۾ سرگرميون جاري رکندي اچي. ٻاڻ بهترين ماتمي سان گڏ نوحا خوان ۽ شاعر پڻ هو. هن بين الاقوامي تعلقات ۾ ايم اي 1985ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي.

سيد علي شاهه نقوي کي 4 فرزند هئا: خورشيد (تنوير نقوي)، نَوا نقوي، غضنفر نقوي، سيد مظهر علي شاهه نقوي. خورشيد نقوي مشهور فلمي شاعر هو. جنهن انڊين ۽ پاڪستاني فلمن لاءِ گيت ۽ گانا لکيا. مذهبي پروگرامن لاءِ نعت رسول خدا پڻ لکيائين. سندس تخلص ’تنوير‘ هو. سندس مشهور نعت آهي: ”يثرب ڪي والي ، ساري نبي تيري، در پہ سوالي، شاهِ مدينہ“. نَوا نقوي مصور هو. غضنفر نقوي بيوروڪريٽ هو. رياست خيرپور جو آءِ جي هو. سيد مظهر علي شاهه نقوي پرنسپال ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج خيرپور ميرس هو.

سيد جعفر علي شاهه. ڪجهه وقت کان فالج جي عارضي ۾ مبتلا ۽ عمر رسيده هئڻ باوجود به سندس حوصلا بلند هئا. ٻاڻ فخر سان چيائين ته. اسان کي ان ڳالهه تي فخر آهي جو اسان جي تنظيمي پرورش مجاهدِ ملت سيد امام علي شاهه ڪاظمي جي هٿن ۾ ٿي. سندس آئيڊيل شخصيتن ۾ سينيئر ساٿي پائو الهه ڏادا خان لنڊ، نور محمد لغاري ۽ صلاح الدين (وڪيل) هئا.

سيد جعفر شاهه. جو پنهنجي علائقي جي عزاداريءَ ۾ ڀرپور ڪردار رهيو. ساٿس اڃان ڪا ڀرپور ڪچهري ڪرڻي هئي پر حياتي ساٿ نه ڏنس. گمبٽ گس ۾ پنهنجي جيون ساٿي جي علاج لاءِ ترسيل هئس ته. جابر عباس ملاح سائين جعفر علي شاهه جي وڇوڙي جي خبر ٻڌائي ته اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

بيهار به ملنداسين،
ڪنهن دور ستاري تي،
تيهار به ملنداسين.

*****

صوفي لاڪوفي، ڪونَ پائيس ڪيَ:
منجهيان ٿِي مَنجِ وڙهي، پڌر ناهِس پيُ:
جنين ساڻس ويُ، تئي تنين جو واهَرو.

رائونتي جي شهيد اهلڪارن جي ورسي ۽ وساريل حڪومتي واعدا

ايم اعظم سهرياڻي

گهوٽڪي جي تاريخ ۾ 5 نومبر 2022 واري اياڳي ڏينهن وارو واقعو گهوٽڪي پوليس لاءِ ڪنهن وڏي نقصان کان گهٽ نه هو. 5 نومبر جي اياڳي شام جو جڏهن گهوٽڪي جي اڳوڻي ايس ايس پي تنوير تنيو پاران ضلع جي ڪجهه ايس ايڇ اوز ۽ ٻين پوليس آفيسرن کي مغوين جي بازيابي لاءِ رائونتي واري ڪچي ۾ بدنام ڌاڙيل راحب شر خلاف آپريشن لاءِ موڪليو ويو. ان ۾ چار اي پي سي ڪاهي پوليس رواني ٿي وڃي پوليس چوڪي بيا ون ويجهو راحب شر جي ويجهن مائٽن راجو شر ۽ لالو شر جي گهرن ۾ وڃي پڪٽ قائم ڪري ڇڏي. جيئن ئي رات ٿيڻ لڳي ته ڌاڙيلن جي ٽولن پاران گڏجاڻيون ڪري پوليس ڏانهن رهيل پلاند وٺڻ لاءِ ڌوهاري گڏ ڪيا. چوته هن به مهينا اڳ پوليس ڪچي جي بدنام زمانا رٽائرڊ ڌاڙيل سلطو شر کي رائونتي جي ان وقت جي ايس ايڇ او ايوب ڏوگر ڊوڪي سان گهرائي ساٿي عيسو ڊوٿو شر سميت سلطو کي مقابلو ڄاڻائي ماري ڇڏيو هو.

سلطو جا پائرءِ ڪچي جا ڌوهاري ٽولا جيڪي سلطو جي پلاند لاءِ پوليس جي رت جا پياسا هئا. پوءِ ڌوهاري ٽولن اچي پوليس مٿان اڌ رات اچي راڪيٽ لانچر سان حملو ڪيو. جنهن ۾ لاڙڪاڻو واسي ڊي ايس پي اوباوڙو عبدالمالڪ ڀٽو، سکر واسي ايس ايڇ او ميرپور عبدالمالڪ ڪمانگر، ميرپور خاص واسي ايس ايڇ او ڪينجهو دين محمد لغاري، ميرپور ماٿيلو واسي سپاهي جتوئي پتافي ۽ اوباوڙو واسي سپاهي سليم چاچڙ موقعي تي شهيد ٿي ويا ۽ پوءِ باقي اي پي سي چين ۾ وينل پوليس اهلڪار پنهنجي جان بچائي نڪري آيا. شهيدن جا لاش ڌوهارين پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيا ۽ صبح جو پنجاب پوليس ڌوهارين سان ڳالهيون ڪري لاش وصول ڪيا. اهلڪارن جي شهادتن ڪانپوءِ شهيدن جي وارثن پاران خدشا ظاهر ڪيا ويا ته اسان جي پيارن کي نڌڪو ڪري پوليس هٿ سان مارايو آهي. ان ڪانپوءِ پوليس مسلسل تياريون ڪندي رهي ته اڄ ٿا پلاند ڪريو، سپائي ٿا پلاند ڪريون پر پوليس پنهنجي ساٿي شهيد اهلڪارن جو پلاند نه ڪري سگهي ۽ هڪ سال بعد ايس ايس پي تنوير تنيو به پلاند واري آس دل ۾ رکي نيٺ ضلعي مان بدلي ٿي هليو ويو.

اڄ انهن 5 شهيد اهلڪارن جي گهرن ۾ ماتم آهي. اهي به اطلاع آهن ته شهيدن جي وارثن لاءِ جيڪي سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ اعلان ڪيا هئا. اهي به اعلان ئي رهجي ويا. ٻڌايو پيو وڃي ته شهيد انسپيڪٽر دين محمد لغاري جو خاندان انتهائي غريب آهي. جيڪو گذر سفر به نه ٿو ڪري سگهي ۽ شهيد جا ٻارڙا به تعليم کان محروم ٻڌجي ويا آهن. سوال اهو آهي ته شهيد اهلڪارن جي ڪيس ۾ نامزد ٿيل 70 ڄڻن مان پوليس هن وقت تائين آخر ڪيترا ماڻهو گرفتار ڪيا آهن؟ پوليس ناقص حڪمت عملي ڪيترائي گهر ۽ خاندان اجاڙي ڇڏيا. ڌاڙيل اڄ به پوليس لاءِ هڪ وڏو چيلينج بڻيل آهن ۽ پوليس ڌاڙيلن آڏو بيوس بڻيل آهي. پوليس جي اهڙي بي وسي تي لکجي يا وري شهيد اهلڪارن جي ٻارڙن جي لاوارثي تي لکجي ته جيڪي شهيدن جا ٻارڙا آهن. اهي ٻي يارو مدد گار وينل آهن. جڏهن ميرپور خاص واسي شهيد انسپيڪٽر دين محمد لغاري جي پٽ بلاول سان فون تي ڳالهه ٿي ته ان چيو ته سرڪار پاران جيڪي رقم جو اعلان ڪيو ويو. ان مان هڪ روپيو به اڃان تائين ناهي مليو. هن چيو ته اسان وٽ ته بابا جي ورسي ملهائڻ جيترا به پيسا ناهن. بلاول لغاري جا لفظ انتهائي ڏکوئيندڙ هئا. آخر سنڌ پوليس ۽ سنڌ سرڪار جيڪي اعلان ڪيا هئا. اها رقم وارثن کي ڇو ناهي ملي سگهي؟ اها خبر ته سنڌ پوليس کي ئي هوندي. باقي جيڪي سنڌ سرڪار ۽ گهوٽڪي پوليس ۽ آءِ جي سنڌ اعلان پيو ڪري ته ڪچي ۾ آپريشن ڪيو ويندو ته پوءِ گهوٽڪي پوليس آخر ڪهڙي سهاري تي ڌوهارين سان وڙهي؟ چو ته شهادت ڪانپوءِ پوليس ڊپارٽمينٽ پنهنجي ئي اهلڪارن کي صرف سلامي تائين ياد ڪري پوءِ وساري ٿو ڇڏي.

بقايا 01

اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه سميت پيپلزپارٽي جي سموري قيادت جي محنت سان بلدياتي چونڊون ڪراچي کان ڪشمور ڪينجهر کان ڪارونجهر ۽ ڪمون شهيد تائين ڪلين سئيپ ڪري ڊيڪاريو هاڻي به انشاالله سنڌ ۾ عام چونڊون وڏي اڪثريت سان ڪلين سئيپ ڪري ڪاميابي حاصل ڪنداسين ۽ بلوچستان پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ به وڏي اڪثريت حاصل ڪري وٺنداسين ۽ ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو سيد ناصر حسين شاهه جو وڌيڪ چوڻ هو ته ملڪ ۾ وڏيون تڪليفون آيون جهڙوڪ ڪرونا وائرس، هجي توڙي وڏيون برساتيون هجن ان ۾ پيپلزپارٽي جو ملڪ اندر اهم ڪردار رهيو روزگار هجي يا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام هجي پيپلزپارٽي جو منشور آهي جيڪا ملڪ ۾ مهنگائي ٿي ان ۾ اهم ڪردار پي ٽي آئي حڪومت جو هو عمران خان پاران آئي ايم ايف سان سخت ترين معاهده ڪيا ويا عمران خان پاران 9 مئي واري سانحي ۾ ادا ڪيل ڪردار تي ملڪ دشمن انڊيا ۾ خوشيون ملهايون ويون پيپلزپارٽي ريڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن پيپلزپارٽي جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سميت پوري ليڊرشپ جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ آهي جڏهن ته تقريب کي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته پيپلزپارٽي پاران عوام جي لاءِ بهترين اسپتالون اين آئي سي وي ڊي، ايس آئي يو ٽي چلڊرين سميت مختلف وڏيون اسپتالون ڏنيون، اروڙ يونيورسٽي، علامه اقبال يونيورسٽي، وومين يونيورسٽي، نصرت ڀٽو يونيورسٽي سميت مختلف يونيورسٽيون ڏنيون ويون ته جئين اوهان بهترين تعليم حاصل ڪري سگهو اوهان جو بهترين علاج ٿي سگهي اوهان کي سکر ۽ روهڙي شهرين جي سفري سهوليات لاءِ پيپلز بس ڏني اهو اسان اوهان تي ٿورو ناهي ڪيو اهو اوهان جو حق آهي ۽ اوهان کي اوهان جو سهي طريقي سان حق ڏيڻ ئي پيپلزپارٽي جو منشور آهي عوام جي خدمت ڪرڻ ئي پيپلزپارٽي جو منشور آهي اها ئي وجه آهي جو اڄ جو عوام پيپلزپارٽي جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم ڏسڻ چاهي ٿو پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي نعمان اسلام شيخ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ئي ٿيندو ۽ بلاول ڀٽو زرداري ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ڊيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي جو هميشه عوام پنهنجا مسئلا کڻي اسان وٽ اچي ٿو جيڪي حل ڪيا ويندا آهن قصر ناصر جا دروازا هر وقت عوام لاءِ کليل هوندا آهن اسان سياست کي عبادت سمجهي ڪيو آهي ۽ عوام جي خدمت جاري رکبي جڏهن ته ڪائونسلر عرفان علي داٿود پوٽو سميت جلسي ۾ هزارين عورتون مردن ۽ ٻارڙن پاران آيل مهمانن جو گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ سيد ناصر حسين شاهه، نعمان اسلام شيخ، سيد ڪميل حيدر شاهه کي سنڌ جي ثقافت پٽڪا پهريا ويا ان موقعي تي جيئرمين ميونسپل ڪميٽي روهڙي سردار مير يعقوب علي شاهه، وائيس جيئرمين محمد اسلم ميمڻ، سيد ذوالفقار علي شاهه، آصف رضا خان مهر اقبال شيخ، غلام عباس چاچڙ، احسان علي قريشي، نثارناز رڪ، مجاهد بوزدار سميت پ پ جي ڪارڪنن ۽ عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 02

دهشتگردن جي حملي جي نتيجي ۾ سڪيورٽي اهلڪارن جي شهادت ۽ ميانوالي ايئربيس تي حملي جي واقعن تي پنهنجي مزمتي بيان ۾ ڪيو هن چيو ته دشمن ملڪ جي امن واري صورتحال کي بيگاڙي ايندڙ چونڊن جي جمهوري عمل کي ناڪام ڪرڻ چاهي ٿو پر ڪامياب نه ٿيڻ ڏنو ويندو مير علي حسن زهري حملن ۾ شهيد ٿيندڙ فوجي جوانن جي شهادت تي ڏک ۽ افسوس جو اظاهر ڪيو ۽ چيو ته پسني واقعي جا شهيد قوم جا هيرو آهن. قوم انهن جي ان قرباني کي ڪڏهن به نه وساريندي، هن ميانوالي ايئر بيس تي دهشتگردي حملي کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي تڪڙي ڪارروائي سان دشمنن جا ارادا ناڪام ٿي ويا. ۽ بهادر فوج جي اهلڪار بزدل دهشتگردن کي ماري فنا ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ وڏي نقصان کان بچي ويو هن چيو ته اهڙا بزدلاڻا حملا قوم جا حوصلا ڪمزور نٿا ڪري سگهن جلد مڙني ملڪ دشمن کي آخري انجام تائين پهچائينداسين.

بقايا 03

جا اسٽريٽجڪ ذخيرا هوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته هن وقت ملڪ ۾ پيٽروليم ڪمپنين کي 21 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جو ذخيرو ڪرڻو آهي، حڪومت چاهي ٿي ته اسٽريٽجڪ پيٽروليم جا ذخيرا گهٽ ۾ گهٽ 3 مهينن لاءِ هجن پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن جو چوڻ آهي ته ملڪي ضرورتن جو محتاط جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ئي حتمي ذخيرن ۽ مدي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو جنهن لاءِ حڪومت فريم ورڪ تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) فوري طور تي عالمي ماهرن جي مدد سان اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن بابت نئون فريم ورڪ تيار ڪندي. نئين فريم ورڪ ۾ ملڪي خام تيل، ريفائنڊ پيٽروليم جي گهرج ۽ ذخيري جو تعين ڪيو ويندو فريم ورڪ پڻ مختلف شين جي اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن جي مدت جو تعين ڪندو.

بقايا 04

پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو اسلام آباد جي آبپاره ٿاڻي طرفان گذريل ڏينهن گرفتار ڪيل اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي بڪتر بند گاڏي ۾ ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪمپليڪس آندو ويو. پوليس فواد چوڌري جي منهن تي ڪپڙو وجهي ڊيوٽي مئجسٽريٽ عباس شاهه جي عدالت ۾ پيش ڪيو فواد چوڌري عدالت جي آڏو استدعا ڪئي ته مان اڳوڻو وفاقي وزير رهي چڪو آهيان ۽ سپريم ڪورٽ جو وڪيل به آهيان مون کي توهين جوڳي طريقي سان عدالت ۾ آندو ويو فواد چوڌري کي ظهير نالي شخص طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر تي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس ايف آءِ آر جو متن پڙهندي عدالت کي ٻڌايو ته فواد چوڌري بطور وفاقي وزير نوڪري جو آسرو ڏئي 50 لک روپيه وصول ڪيا هئا پر نوڪري جو واعدو پورو نه ڪيو ويو. شهري جڏهن پئسن جي واپسي جي گهر ڪئي ته فواد چوڌري ڪيس قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. پوليس عدالت کان فواد چوڌري جي 5 ڏينهن جي ريمانڊ جي استدعا ڪري ڇڏي فواد چوڌري چيو ته ظهير نالي شخص ايترو سست آهي جو اڄ اهو عدالت ۾ به پيش نه ٿيو آهي. مون کي ڦڦڙن جي بيماري آهي. ڊاڪٽرن تائين پهچ ڏني وڃي ۽ گهر وارن

سان به ملڻ جي اجازت ڏني وڃي جنهن کان پوءِ عدالت فواد چوڌري جو 2 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪندي ڪيس پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 05

۾ 200 رپين جي واڌ ٿي. جنهن ڪانپوءِ ان جي قيمت به لک 14 هزار 600 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 1 سئو 72 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 83 هزار 985 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 7 ڊالر وڌڻ سان 2012 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 06

آهي. وفد سان گڏ قطر ۾ موجود جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان حماس اڳواڻن سان ملاقات دوران فلسطين مسئلي تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون. ملاقات ۾ سيڪريٽري جنرل جي يو آءِ سنڌ مولانا راشد محمود سومرو ۽ مفتي ابرار احمد به شريڪ ٿيا. ان موقعي تي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسرائيل فلسطين ۾ ظلم ڪري ڪعبہ اول کي تبديل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي حماس اڳواڻ اسماعيل هانيه چيو ته سمورن مسلمانن جو فرض آهي ته هو اسرائيل جي ظلمن خلاف گڏ ٿين. انساني حقن جا دعويدار ملڪ هٿيارن سان ڀريل جهاز ڪٽي تل ابيب پهچي رهيا آهن مسلمانن کي به فلسطيني ڀائرن جي حمايت لاءِ ميدان ۾ نڪري پنهنجين مائرن، ڀينرن ۽ ڀائرن جي مدد ڪرڻ گهرجي. خالد مشعل چيو ته مولانا فضل الرحمان پاڪستان ۾ فلسطين جي سفير جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ڪشمير ۽ فلسطين تي وڏي وقت کان ظلم انساني حقن جي دعويدارن جي منهن تي چماٽ آهي مولانا فضل الرحمان چيو ته ترقي يافته ملڪن جي دعويدارن جا هٿ معصوم ٻارن ۽ عورتن جي رت سان رڱيل آهن. فلسطيني صرف پنهنجي زمين ئي نه پر مسلمان امت طرفان فرض ادا ڪندي ڪعبہ اول جي آزادي جنگ وڙهي رهيا آهن. وقت اچي ويو آهي ته مسلمان امت عملي ميدان ۾ فلسطيني ڀائرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهن.

بقايا 07

جي لاءِ قطر پهچي ويو آهي. ذريعن موجب مولانا فضل الرحمان حماس جي سربراهه اسماعيل هانيه ۽ اڳوڻي سربراهه خالد مشعل سميت ٻين حماس اڳواڻن سان اهم ملاقاتون ڪندا. جمعيت علماء اسلام جي امير قطر کان پوءِ ترڪيه جو دورو ڪندا. مولانا فضل الرحمان ترڪيه ۽ قطر جي حڪومتي شخصيتن سان به ملاقاتون ڪندو ته جيئن جنگبندي ڪرائي سگهجي.

بقايا 08

سبب ڪيترائي گهر تباهه ٿي ويا ۽ انفرا اسٽرڪچر کي به نقصان پهتو اسرائيلي جنگي جهازن المغازي ڪيمپ ۾ سمعان خاندان جي گهر کي نشانو بڻايو غزه ۾ صحت واري وزارت جي ترجمان اشرف القدره ٻڌايو ته اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ جو فرش لاشن ۽ زخمين سان ڀريل آهي. اسرائيلي فوج غزه جي پٽي تي پنهنجي فضائي ۽ زميني حملن جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي غزه ميڊيا آفيس جي سربراهه سلام معروف هڪ نيوز ڪانفرنس ۾ ٻڌايو ته غزه جي پٽي تي 7 آڪٽوبر کان جاري اسرائيلي رياستي دهشتگردي جي نتيجي ۾ 9500 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن جن ۾ 3.900 ٻار ۽ 2.509 عورتون شامل آهن.

بقايا 09

ذريعي ڪراچي جي نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انهن مان هڪ ڊاڪٽر شڪرالله لاڏاتو ڪري ويو ترجمان ٻڌايو آهي ته ڊاڪٽر شڪرالله 3 ڏينهن اڳ ڪانگو وائرس مان متاثر ٿيو هو ان کان علاوه ڪوئيٽه جي سول اسپتال شيخ زيد اسپتال ۽ فاطمه جناح اسپتال ۾ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيا ويا آهن.

بقايا 10

سيڪريٽري وزير انٽوني بلنڪن چيو ته آمريڪا کي اولهندي ڪناري ۾ انتهائي پسند يهودي آبادڪارن جي ڪري پريشاني ٿي رهي آهي ايمن صفدي چيو ته انٽوني بلنڪن کي غزه ۾ جنگي لاءِ هڪ قائدانو ڪردار ادا ڪندي ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

بقايا 11

بند ڪري ڇڏيا آهن. آءِ پي پي منفرد ۽ عمل جوڳو منشور پيش ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته فوج جي بهادر ڇوتن ميانوالي ايئربيس تي حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو سڄي قوم پنهنجي جوانن کي پيتا پيش ڪري ٿي ۽ پنهنجي فوج سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا 12

سمورن ضلعن ۽ خانگي اسڪولن جو تفصيل گهريو آهي. جن ضلعن ۾ سرڪاري عمارتون ۽ ملازم گهٽ هوندا اتي انهن خانگي اسڪولن ۽ استادن جي مدد ورتي ويندي. ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن جي هدايت تي چئني صوبن جي تعليم کاتي کي خط اماڻيا ويا آهن اليڪشن ڪميشن مطابق سرڪاري عمارتون گهٽ هورين ته پيون نه پولنگ اسٽيشن خانگي اسڪولن ۾ ٺهنديون ۽ سرڪاري ملازمن پورا نه پيا ته پولنگ عملي لاءِ خانگي استاد ورتا ويندا اليڪشن ڪميشن جي ترجمان مطابق خانگي اسڪولن ۽ استادن کي متبادل طور تي رکيو ويندو.

بقايا 13

جي سرڪاري دستاويزن ۾ منصوبي جو انڪشاف ڪيو آهي. غزه مان فلسطينين کي نيڪالي ڏيڻ جي سفارش اسرائيلي انٽيليجنس وزارت تيار ڪئي وئي آهي. دستاويز ۾ غزه جي 22 لک فلسطينين کي

زبردستي مصر جي ريگستاني علائقي سينائي منتقل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. 10 صفن جي دستاويزن ۾ غزه جي فلسطينين جي مستقبل بابت تجويزون سامهون آهن تجويزن ۾ غزه آبادي کي مڪمل منتقل ڪرڻ ان تي عالمي برادري جي حمايت حاصل آهي. اسرائيلي وزارت انٽيليجنس پاليسي ريسرچ تحت حڪومتي ادارن کي تجويزون ڏئي ٿو مشهور تاريخدان وليم ڊيلر ميپل اسرائيلي پلان جي انڪشاف تي گڏيتي ظاهر ڪندي چيو ته وڌيڪ انڪشاف اڃا اهم آهي، هن پيري اسرائيلي وزارت انٽيليجنس جي هڪ ٻئي پلان لاءِ انڪشاف سامهون آيا. وليم ڊيلر چيو ته غزه جي فلسطينن کي سينائي ۾ بيدخل ڪرڻ نسل ڪشي جا انڪشاف سامهون آيا آهن.

بقايا 14

توڙڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي. پرڏيهي خبرو اداري موجب ڏکيائين تڪليفن جي باوجود غزه جا ٻار پر عزم آهن ته اهي پنهنجي سرزمين ڇڏي ڪيڏانهن نه ويندا. سوشل ميڊيا تي هڪ وڊيو وائرل ٿي رهي آهي. جنهن ۾ غزه جا ٻار فلسطين جو مشهور انقلابي ترانو ڳائي رهيا آهن جن جو مطلب آهي ته الله سان واعدو آهي ته اسان نه ڇڏينداسين الله سان واعدو آهي. ٻڪيا مري وينداسي پر ذلت جو رستو نه وٺنداسي. هي وڊيو خان يونس جي علائقي ۾ گڏيل قومن تحت هلندڙ هڪ اسڪول ۾ قائم عارضي ڪئمپ جي آهي. جتي تازو ئي بمباري ۾ ٻي گهر ٿيل ڪيترن ئي بي گهر ٿيندڙ فلسطيني خاندانن پناهه ورتي آهي. وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڪوڙ سارا فسلطيني ٻار گڏ آهن ۽ اسپيڪر تي انقلابي ترانو لڳل آهي. ٻار تاڙيون وڃائي رهيا آهن ۽ تراني جا شعر ورجائي رهيا آهن. ۽ مايوس نظر نه پيا اچن ۽ ڪئمپ ۾ ڪنهن ڪنسرٽ وارو ماحول آهي.

بقايا 15

بصر 120، پٽاٽا 120 ۽ ٽماٽا 200 روپيه، بينڊي 130 ۽ گوبي 150 روپيه في ڪلو وڪرو ٿي رهيا آهن آچر بازار خريداري جي لاءِ ايندڙن جو چوڻ آهي ته پيٽرول جي قيمت گهٽ ٿي آهي پر اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگائي ۾ لاٿ نه اچي سگهي آهي آچر بازار ۾ فروٽ جا ريٽ به گهٽ نه ٿي سگهيا صوف 250 روپيه ڪلو مليو ته ڏاڙهون 250 روپيه ڪلو ۽ انگور 200 کان 350 روپيه ڪلو ۾ ملي رهيا هئا. جيڪڏهن ڪنهن فروٽ جو معيار صحيح نه هو ته ان جي قيمت ۾ به اوپن مارڪيٽ جي مقابلي ۾ ڪلو 20 کان 30 روپيه ڪلو گهٽ ضرور هئي ان حوالي سان ڊي سي، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ پرائيس ڪنٽرول مئجسٽريٽ وڌيڪ قيمتون وٺندڙن خلاف ڪارروائي ڪري رهيا آهن هنن چيو ته اسان ڪنهن به قيمت تي مهانگيون شيون وڪرو ٿيڻ نه ڏينداسين.

بقايا 16

سان ڳالهيون ڪندي شعيب شاهين چيو ته مون کي اسد قيصر ٻاڻ پرويز خٽڪ جي ڪردار بابت ٻڌايو هو شعيب شاهين چيو ته اسد قيصر پرويز خٽڪ جي هڪ مخالف کي پي ٽي آءِ ۾ شامل ڪرايو هو ان لاءِ اسد قيصر جي معلومات موجب پرويز خٽڪ جو ان جي گرفتاري ۾ ڪردار آهي. ياد رهي ته اسد قيصر کي 2 ڏينهن اڳ اسلام آباد جي علائقي بني گالا ۾ سندس رهائشگاهه تان گرفتار ڪيو هو ۽ ڪيس گذريل ڏينهن عدالت ۾ پيش ڪيو ويو هو جتي عدالت ڪيس جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻڻ جو حڪم جاري ڪيو هئا.

بقايا 17

ئي تازن دهشتگرد حملن جي مزمت ڪريون ٿا. پيپلز پارٽي جي سينيٽر چيو ته 2023ع جي پهرين نصف ۾ 217 حملن ۾ 389 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ 256 زخمي ٿيا. 2023ع جو باقي اڌ سال به ڪجهه بهتر نه نظر پيو اچي رضا رباني چيو ته پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺلي آهي. اهو نظر ۾ رکيو وڃي ته غير قانوني رهندڙ افغان پناهگيرن جي واپسي جي وقت هي حملا ٿيا. هن چيو ته ايندڙ حڪومت دهشتگردي کي روڪڻ لاءِ علائقائي حڪمت عملي جوڙي

بقايا 18

شئي آهي جنهن ۾ قدم رکڻو آهي مشورو ڪيو ويهاريو سيني کي ڪوئي ڊائلاگ اوپن ته ڪريو راجا پرويز اشرف کان سوال ڪيو ويو ته جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا ۽ جنرل رٽائرڊ فيض کي گهرائڻ ۽ حقيقتون سامهون آڻڻ جو مطالبو درست آهي؟ جواب ۾ هن چيو ته بس اهي ڳالهيون ڪندڙ منهن مٿو پٽيندا ورتن هڪ انچ اڳتي وڌي نه سگهندا. هي طريقو ٺيڪ ناهي ته هر ٻن ٽن سالن کان پوءِ اوهان ماضي کي کولي ويهي رهو ٿا. هن چيو ته جن قومن ترقي ڪئي آهي ته اهي مستقبل ڏانهن ڏسندڙ قومون هونديون آهن. وقت تي ڪوئي ڳالهه نه ٿو ڪري اها بزدلي جي نشاني آهي. زنده قوم جنهن وقت غلط ٿي رهيو هوندو آهي. انهي وقت چوندي آهي ته هي غلط ٿي رهيو آهي. هن چيو ته 5 سال گذرڻ کان پوءِ سڀ اڱي وڃن ٿا. قوم ان سان ڪنفيوز ٿي رهي آهي. ۽ اسان نفرتون فهلائي رهيا آهيون. راجا پرويز اشرف تجويز ڏني ته سياسي پارٽين ۾ ڊائلاگ ۽ هڪ نئون سوشل ڪانٽريڪٽ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪائي ڳالهه آهي ته اسان کي ٻاڻ ۾ ويهي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. اسان جا دشمن ته هاڻي آهو ڏسي رهيا آهن ته ان کي ڇڏي ڏيو هي خدڻي پنهنجو ٻاڻ کي ماري ڇڏي ڏنا. قومي اسيمبلي اسپيڪر چيو ته چونڊن جي تاريخ جو معاملو سپريم ڪورٽ بدران سياسي پارٽين کي طئي ڪرڻ گهرجي ٿا. چونڊن بابت معاملا پارلياماني ڪم آهي پارليامينٽ جو وجود چونڊن سان سڌو سنئون

گنديل آهي. بس اها اسان جي بدقسمتي آهي اسان کي اڳتي وڌڻ وآهي.

بقايا 19

ڏنو وڃي ته جيئن اهي عزت سان پنهنجي ملڪ وڃي سگهن. پرڏيهي خبرون ايجنسي مطابق افغانستان جي عبوري وزيراعظم ملا حسن آخوند چيو ته پاڪستان ۾ غير قانوني طور تي رسيل پناهگيرن جو مالڪ ضبط ڪرڻ، سندن گهرن کي ڊاهي پٽ ڪرڻ ڪهڙي قانون ۾ آهي، هن چيو ته هي هڪ عجيب هدايت آهي جيڪا پاڪستان جي نگران حڪومت قانون لاڳو ڪندڙ ادار کي ڪئي آهي اوهان آئينده جو خيال چو نه پيا ڪريو جنهن جو مالڪ ضبط ڪندڙ اوهان کير آهيون. افغانستان وزيراعظم چيو ته جيڪڏهن اوهان جو امارت اسلامي سان ڪو مسئلو آهي اهو ڳالهين سان حل ٿي سگهي ٿو اوهان ويهو ۽ ٻڌايو ته جا مسئلو آهي. ڪهڙيون ڏکيائون آهن ان تي ويهي ڳالهائينداسين. اوهان اسان جي ڪاوڙ غريب عوام تي نه ڪڍيو پر اسان سان ڳالهايو.

بقايا 20

۽ وارڊ ميمبرز جي 10 سيٽن تي مڪاني چونڊ لاءِ پولنگ ٿي. پولنگ صبح جو 8 وڳي کان شام جو 5 وڳي تائين وقفي ڪانسواءِ جاري رهي. ووٽن جي ڳڻپ ڪانپوءِ نتيجا اچڻ جو سلسلو جاري آهي. صدر جي يوسي 13 جي مڪمل غير سرڪاري غيرحتمي نتيجن موجب چيئرمين جي سيٽ تي پ پ جو مرتضيٰ وهاب 3976 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو جماعت اسلامي جي اميدوار نور السلام 1566 ووٽ حاصل ڪيا. مرتضيٰ وهاب جي ڪاميابي بعد ڪارڪنن جشن ملهايو

بقايا 21

ريورٽ موجب حماس جي عهديدار اسامه حمدان اسماعيل هنيه جي تهران پهچڻ بابت ٻڌايو پر ايران جي دوري بابت وڌيڪ تفصيل نه ٻڌايو نيوز ايجنسي جي رپورٽ موجب اسماعيل هنيا 2019 کان قطر ۽ ترڪي ۾ رهائش پذير آهي. اسرائيلي فوج اڄ به غزه ۾ اسماعيل هنيه جي گهر تي ڊرون حملو ڪيو

بقايا 22

لاءِ اچون ٿي رهيون آهن پر پي ٽي آءِ صوبي ۾ ايندڙ چونڊن ۾ ڪنهن سان به اتحاد ڪرڻ جو ارادو ناهي. ظهيرشاهه توريو چيو ته پي ٽي آءِ اليڪشن پنهنجي تڪ تي وڙهندي ۽ صوبي ۾ ايندڙ حڪومت پي ٽي آءِ جي هوندي. هن پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ صوبي جي واحد مضبوط جماعت آهي. پي ٽي آءِ ڪانسواءِ سمورين سياسي پارٽيون عوام کان منهن لڪائي رهيون آهن. سمورين سياسي پارٽين کي ليول پلئنگ فيلڊ تي متحد ٿيڻ گهرجي.

بقايا 23

آهي. ترجمان ٻڌايو لائين متاثر ٿيڻ سبب بن قاسم، لانڍي، ڪورنگي، ابراهيم حيدري، اختر ڪالوني، ڊي ايڇ اي ۽ ڪشمير ڪالوني ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿيندي جڏهن ته شهر کي مجموعي طور تي 60 ايم جي ڊي پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پوندو. هن چيو ته لائين جي بحالي جو ڪم هنگامي بنيادن تي شروع ڪيو ويو آهي. لائين جي مرمت جو ڪم ايندڙ 36 ڪلاڪن ۾ مڪمل ڪيو ويندو ترجمان شهرين کي اپيل ڪندي چيو ته اهي پاڻي جو ذخيرو ڪن ۽ پاڻي کي احتياط سان استعمال ڪن ته جيئن ڪنهن به پريشاني کان بچي سگهجي.

بقايا 24

انٽرويو ۾ هن چيو ته سپريم ڪورٽ پاران 2 پيرا آئين توڙڻ جو مجرم قرار ڏيڻ کان پوءِ صدر عارف علوي کي اخلاقي جرئت جو مظاهرو ڪندي استيعفيٰ ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو هن چيو ته نواز شريف قڏو ناهي ڪندو هميشه ان سان قڏو ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته پي ٽي آئي ۽ پيپلز پارٽي ليول پلئنگ فيلڊ نه هئڻ جي ڳالهه ڪري رڳو چونڊ جي گير ڪيڏي رهيون آهن هن چيو ته ميان نواز شريف عدالتي ڪارروائي کان سواءِ اليڪشن وڙهڻ جي اهل آهي يا نه ان جو جواب ڪمنٽ نو آهي. هڪ سوال ۾ هن چيو ته ڊار جو مطالبو نه ڪري سگهيو ان سوال جو جواب فلعل هن وقت رهڻ ڏيو ان کان پڇا ڪئي وئي ته آصف زرداري چوي ٿو ته ميان نواز شريف کي وزيراعظم نه بڻڻ ڏينداس. احساق ڊار چيو ته ڪنهن جون خواهشون رکڻ جي ڪائي قيمت ناهي هوندي. ان سوال تي ن ليگ لاڏلي بڻجي چڪي آهي ۽ پي ٽي آئي سان غلط ورتاءُ ڪيو پيو وڃي، احساق ڊار جواب ڏيندي چيو ته 9 مئي جو واقعو نه ٿئي ها ته اوهان جي ڳالهه کي درست سمجهي سگهجي پيو شاهد خاقان عباسي جي حوالي سان هن چيو ته ري اميجنگ، نيو اميجنگ بابت مون کي علم ناهي.

بقايا 25

ارشد ولي محمد جي اڳواڻي ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ٽوئرزم اينڊ هوٽل مئنيجمينٽ (PITHAM) پاران ڇهين ساليانئي ڪنوينشن ميزباني ڪئي وئي. هيءَ تقريب PITHAM جي احاطي ۾ ٿي، ڪنوينشن جي شروعات نگران صوبائي وزير جي PITHAM جي دوري سان ٿي جنهن ۾ سياحت ۽ اسپتال جي شعبي ۾ بهترين صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ حڪومت جي عزم تي زور ڀريو ويو رسمي گائون ۾ ملبوس معزز مهمانن هن اهم ڏينهن لاءِ خوبصورت ڏن کي ترتيب ڏنو ڊائريڪٽر PITHAM اينڊ مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ PITHAM جو هڪ بصيرت وارو تعارف، سياحت ۽ هوٽل مئنيجمينٽ جي صنعت ۾

ان جي تعاون کي پيش ڪيو. نگران صوبائي وزير ارشد ولي محمد پنهنجي هڪ پرجوش تقرير ۾ خطي ۾ سياحت ۽ هوٽل مئنيجمينٽ جو مستقبل سنوارڻ ۾ اداري جي اهم ڪردار تي روشني وڌي. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير شاندار تقرير ڪندي صوبي جي اقتصادي صورتحال ۾ سياحت جي شعبي جي اهميت کي اجاگر ڪيو ارشد ولي محمد کي يادگار شيلڊ پيش ڪئي وئي. تقريب ۾ پوزيشن هولڊرز ۾ 65 ميڊل ورهايا ويا. نيوي اسڪول جي ٻڌڻ کان محروم شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ جونيئر شيفس ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا ۽ مختلف شعبن ۾ شاندار ڪارڪردگيءَ جو اعتراف ڪندي سندن حوصلا افزائي ڪئي. PITHAM جي سرشار فيڪلٽي، عملي جي شاگردن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ سندن انٿڪ ڪوششن جي اعتراف ڪندي هنن کي شيلڊن سان نوازيو ويو سياحت واري نگران صوبائي وزير شاگردن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي شعبي ۾ پاڪستان جي بهتر اميج کي اجاگر ڪن ۽ پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪندي مقابلي جو رجحان پيدا ڪن جنهن سان سندن مجموعي صلاحيتن ۾ بهتري ايندي.

بقايا 26

وڃن يا ايگزيٽو جي ذريع اسان تي ڪو به فرق نه ٿو پوي. بس چونڊون شفاف ٿيڻ گهرجن ميڊيا سان ڳالهائيندي نويد قمر چيو ته ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيڻ واريون آهن. هاڻي چونڊڻ کان پوءِ بهانو بڻائي پڇڻ ڏکيو هوندو. اليڪشن ۾ جنهن پارٽي کي عوام جيترو حصو ڏيئي ٿي ان کي ملڻ گهرجي. پ پ اڳواڻ چيو ته جڏهن نواز شريف کي سزا ڏني وئي اهو به زيادتي جي زمري ۾ اچي ٿو اهو به لڳي ٿو ته اهو به سمجهه ۾ ايندو هو ته هڪ پلان تحت ڪيو ويو ته ان کي ريورس ڪرڻ لاءِ هڪ سلسلو هلي رهيو آهي. جنهن موجب نواز شريف جي سزا حڪومت معطل ڪري ڇڏي مون کي ته ناهي معلوم اهو ڪهڙو قانون آهي. جنهن تحت سزا معاف ڪئي وئي. يا ڪنهن به ملڪ ۾ ائين ناهي ٿيندو ته ايئرپورٽ تي وڃي حاضري لڳرائجي ان سان اهو تاثر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته هي اسان جو فيوريٽ آهي.

بقايا 27

ٿي وائرس متاثر شخص جي ويجهو رهڻ ۽ ان کي ڇهڻ سان ٻين تائين منتقل ٿي سگهي ٿو ڊبليو ايڇ او جو چوڻ آهي ته سڄي دنيا ۾ ڪانگو وائرس کان متاثر ٿيلن ۾ وڏي تعداد ۾ ڊاڪٽر ۽ نرسون شامل آهن صحت جي عالمي اداري جو چوڻ آهي ته ڪانگو وائرس سبب فوت ٿيلن جي تدفين لاءِ به احتياط جي ضرورت آهي چو ته لاش کي ڇهڻ سان به ڪانگو وائرس پکڙجي سگهي ٿو

بقايا 28

آهي. هڪ انتهائي فعال خطر ناڪ جنگ آهي. صحافي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته غزه ۾ عمارتون بمباري سان داغدار ۽ ڪاربون ٿي ويون آهن. ٽينڪن جي بمباري سان آسمان تي مٽي اڏندي ٻاهه جا شعلا ڏسي سگهجن ٿا. فوج جي چرپر کي فلمائڻ يا نشر ڪرڻ جي اجازت ناهي صحافين کي محصور پٽي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني وئي. ٻئي ياسي اسرائيلي عملدار ڏکڻ اسرائيل ۾ روزانو ڪنٽرول ميڊيا ٽوئرز ڪرائي رهيا آهن ڪميٽي ٽو پروٽيڪٽ جرنلسٽس مطابق غزه جنگ ۾ هن وقت تائين 36 صحافي مارجي چڪا آهن خيال رهي ته غزه ۾ 7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين 3900 ٻارڙا ۽ 2 هزار 509 عورتن سميت شهيد فلسطينين جو 9 هزار 5 کان مٿي ٿي چڪو آهي. جڏهن ته 6 هزار 360 ٻارڙن ۽ 4 هزار 891 عورتن سميت زخمين جو انگ 24 هزار 158 کان وڌي ويو آهي.

بقايا 29

ڪهڙي ايف آئي آر آهي. حبا چوڌري چيو ته قسم سان جوان ٿي ته آهڙو ڪجهه ناهي. جي ڪڏهن ڪجهه هجي ها ته چا پاڪستان ڊيموڪريٽڪ فواد کي ڇڏي ها. هن چيو ته گذريل ڏينهن فردوس عاشق اعوان چيو هو ته فواد چوڌري جو رستو ٺيڪ ناهي. فردوس عاشق کي چوندي هيس ته اوهان ٻڌايو ته اوهان جو رستو ڪٿي آهي. هن چيو ته هر پارٽي ۾ فردوس عاشق اعوان جهڪيل نظر ايندي آهي.

بقايا 30

تي قبضي، بوگس ڊجيٽل آدمشماري، نصلن جا اگهه نه ملڻ، پاڻي جي ڪوٽ ۽ هارين سان ٿيندڙ ظلمن خلاف سنڌي هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ طرفان ميرپورخاص شهر ۾ هزارين ماڻهن جي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتن، ٻارڙا، هاري، مزدور، شاگرد، وڪيل ۽ آبادگار شامل هئا. ريلي ۾ سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور، افغاني سارا نامنظور، بنگالي بهاري_ نامنظور، جيڪو ڌارين جو يار آ، سو ملڪ جو غدار آ، جيڪو افغانين جو سهولتڪار آ_ ملڪ جو غدار آ، جاگيرداري نظام نامنظور، صحافي جان محمد مهر جا قاتل_ گرفتار ڪريو فاطمه قرڙو جي قتلن کي_ سزائون ڏيو زمينن جي نيلامي_ بند ڪريو هارين سان ظلم بند ڪريو، سرڪاري زمينون هارين کي ڏيو بوگس ڊجيٽل آدمشماري جا ڪوڙا نتيجا نامنظور وسيلن تي قبضا نامنظور جا پرجوش نعرا هنيا ويا. ريلي اسٽيشن چوڪ کان شروع ٿي پريس ڪلب ميرپورخاص پهچي وڏي عوامي جلسي عام ۾ تبديل ٿي وئي. ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، سنڌي گرل

اسٽوڊنٽس تحريڪ جي مرڪزي صدر ساجد برهياڻ ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته سنڌ ۾ چاليهه لک کان وڌيڪ غير قانوني افغاني، بنگالي، بهاري، برمي ۽ ٻيا غير ملڪي رهن ٿا. لکن جي تعداد ۾ رهندڙ انهن غير قانوني غير ملڪين جي واپسي جو ڪو به بندوبست ناهي ڪيو ويو جڏهن ته ٻين صوبن ۾ افغانين ۽ ٻين غير ملڪين کي تيزيءَ سان ملڪ مان ڪڍيو پيو وڃي، پر سنڌ ۾ افغانين ۽ ٻين غير ملڪين خلاف انتظاميه لاپرواهي کان ڪم وٺي رهي آهي. سنڌ ۾ افغانين جون بستيون قائم آهن. ڪراچي مان افغاني آساني سان نڪري ڪوٽڙي ۽ ٻين علائقن ۾ پهچي وڃن ٿا. پيپلزپارٽي جا اڳوڻا وزير، مشير، ايم اين اي، ايم پي اي افغانين کي پناهه پيا ڏين. هنن وڌيڪ چيو ته افغانين کي پناهه ڏيندڙ ۽ ڪوڙا سجاڻپ ڪارڊ ناهي ڏيندڙ نادرا اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. وفاقي نگران حڪومتون سنڌ مان غير قانوني غير ملڪين کي واپس موڪلڻ ۾ سنجيد ناهن. غير قانوني افغاني ۽ ٻيا پرڏيهي ملڪ جي امن لاءِ وڏو خطرو بڻيل آهن. جڏهن کان افغانين ۽ ٻين غير ملڪين کي نيڪالي ڏيڻ جو اعلان ٿيو آهي تڏهن کان ملڪ ۾ دهشتگردي جي ڪارروائين ۾ تيزي اچي وئي آهي. جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿي ٿئي ته افغانين ۽ ٻين غير ملڪين جي پٺڀرائي ملڪ دشمن قوتون ۽ عالمي سامراجي طاقتون ڪري رهيون آهن. زرداري مافيا لاءِ سنڌ وڪري جو وکر آهي. بحريا ٽائون جي قبضا مافيا ڪيرٿر نيشنل پارڪ تي والار ڪري سنڌ جي تاريخي ثقافتي ماڳن کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڪاس آهي، صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي اڃا تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي. ماڙي جلباڻي ۾ سڌيون گوليون هڻي هارين کي قتل ڪيو ويو پر قاتلن کي ڪا سزا نه آئي، فاطمه قرڙو معصوم نازو چنا کي قتل ڪيو ويو نياڻين جي خون سان ڪو انصاف نه ڪيو ويو هن چيو ته رياست سنڌي ماڻهن کي ديوار سان لڳائڻ بند ڪري. سنڌي هندو هارين جون نياڻيون اغوا ڪري زوري مذهب تبديل ڪرائي زبردستي جون شاديون ڪرايون وڃن ٿيون. هر ايندڙ ڏينهن معصوم نياڻين کي ڪارو ڪاري ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو عورتن مٿان تشدد جا واقعا روز جو معمول بڻيل آهن. فاطمه قرڙو، نازو چنا کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو پر انهن جي قاتلن کي ڪا به سزا نه آهي. ريلي کي ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، نور نبي پليجو، امير بخش جروار، رامچند، ايڊووڪيٽ غفار ناريجو اياز ڪوسو اوپايو جوٽيجو علي محمد پرويز ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا 31

جي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون. اسٽيٽ بئنڪ گورنر جميل احمد ۽ عرب مانيٽري فنڊ جي ڊائريڪٽر جنرل عبدالرحمان بن عبدالله ابو ظهبي ۾ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪيون. يادداشت عرب علائقائي ادائيگي جي نظام بونا (Buna) ۽ پاڪستان جي فوري ادائيگي جي نظام راست وچ ۾ سهڪار جو فريم ورڪ قائم ڪرڻ لاءِ آهي. نظام جڙڻ سان ناڻي جي منتقلي باضابطا چئنلز سان سولائي سان ٿي سگهندي.

بقايا 32

دهشتگردن جي حملي جي نتيجي ۾ سڪيورٽي اهلڪارن جي شهادت ۽ ميانوالي ايئربيس تي حملي جي واقعن تي پنهنجي مزمتي بيان ۾ ڪيو هن چيو ته دشمن ملڪ جي امن واري صورتحال کي بيگاڙي ايندڙ چونڊن جي جمهوري عمل کي ناڪام ڪرڻ چاهي ٿو پر ڪامياب نه ٿيڻ ڏنو ويندو مير علي حسن زهري حملن ۾ شهيد ٿيندڙ فوجي جوانن جي شهادت تي ڏک ۽ افسوس جو اظاهر ڪيو ۽ چيو ته پسني واقعي جا شهيد قوم جا هيرو آهن. قوم انهن جي ان قرباني کي ڪڏهن به نه وساريندي، هن ميانوالي ايئر بيس تي دهشتگردي حملي کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي تڪڙي ڪارروائي سان دشمنن جا ارادا ناڪام ٿي ويا. ۽ بهادر فوج جي اهلڪار بزدل دهشتگردن کي ماري فنا ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ وڏي نقصان کان بچي ويو هن چيو ته اهڙا بزدلاڻا حملا قوم جا حوصلا ڪمزور نٿا ڪري سگهن جلد مڙني ملڪ دشمن کي آخري انجام تائين پهچائينداسين.

بقايا 33

توڙڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي. پرڏيهي خبرو اداري موجب ڏکيائين تڪليفن جي باوجود غزه جا ٻار پر عزم آهن ته اهي پنهنجي سرزمين ڇڏي ڪيڏانهن نه ويندا. سوشل ميڊيا تي هڪ وڊيو وائرل ٿي رهي آهي. جنهن ۾ غزه جا ٻار فلسطين جو مشهور انقلابي ترانو ڳائي رهيا آهن جن جو مطلب آهي ته الله سان واعدو آهي ته اسان نه ڇڏينداسين الله سان واعدو آهي. ٻڪيا مري وينداسي پر ذلت جو رستو نه وٺنداسي. هي وڊيو خان يونس جي علائقي ۾ گڏيل قومن تحت هلندڙ هڪ اسڪول ۾ قائم عارضي ڪئمپ جي آهي. جتي تازو ئي بمباري ۾ ٻي گهر ٿيل ڪيترن ئي بي گهر ٿيندڙ فلسطيني خاندانن پناهه ورتي آهي. وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڪوڙ سارا فسلطيني ٻار گڏ آهن ۽ اسپيڪر تي انقلابي ترانو لڳل آهي. ٻار تاڙيون وڃائي رهيا آهن ۽ تراني جا شعر ورجائي رهيا آهن. ۽ مايوس نظر نه پيا اچن ۽ ڪئمپ ۾ ڪنهن ڪنسرٽ وارو ماحول آهي.

بقايا 34

سموري قيادت جي محنت سان بلدياتي چونڊون ڪراچي کان ڪشمور ڪينجهر کان ڪارونجهر ۽ ڪمون شهيد تائين ڪلين سئيپ ڪري ڊيکاريو هاڻي به انشاالله سنڌ ۾ عام چونڊون وڏي اڪثريت سان ڪلين سئيپ ڪري ڪاميابي حاصل ڪنداسين ۽ بلوچستان پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ به وڏي اڪثريت حاصل ڪري وٺنداسين ۽ ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو سيد ناصر حسين شاهه جو وڌيڪ چوڻ هو ته ملڪ ۾ وڏيون تڪليفون آيون جهڙوڪ ڪرونا وائرس، هجي توڙي وڏيون برساتيون هجن ان ۾ پيپلزپارٽي جو ملڪ اندر اهم ڪردار رهيو روزگار هجي يا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام هجي پيپلزپارٽي جو منشور آهي جيڪا ملڪ ۾ مهنگائي ٿي ان ۾ اهم ڪردار پي ٽي آئي حڪومت جو هو عمران خان پاران آئي ايم ايف سان سخت ترين معاهده ڪيا ويا عمران خان پاران 9 مئي واري سانحي ۾ ادا ڪيل ڪردار تي ملڪ دشمن انڊيا ۾ خوشيون ملهايون ويون پيپلزپارٽي ريڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن پيپلزپارٽي جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سميت پوري ليڊرشپ جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ آهي جڏهن ته تقريب کي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته پيپلزپارٽي پاران عوام جي لاءِ بهترين اسپتالون اين آئي سي وي ڊي، ايس آئي يو ٽي چلڊرين سميت مختلف وڏيون اسپتالون ڏنيون، اروڙ يونيورسٽي، علامه اقبال يونيورسٽي، وومين يونيورسٽي، نصرت ڀٽو يونيورسٽي سميت مختلف يونيورسٽيون ڏنيون ويون ته جئين اوهان بهترين تعليم حاصل ڪري سگهو اوهان جو بهترين علاج ٿي سگهي اوهان کي سکر ۽ روهڙي شهرين جي سفري سهوليات لاءِ پيپلز بس ڏني اهو اسان اوهان تي ٿورو ناهي ڪيو اهو اوهان جو حق آهي ۽ اوهان کي اوهان جو سهي طريقي سان حق ڏيڻ ئي پيپلزپارٽي جو منشور آهي عوام جي خدمت ڪرڻ ئي پيپلزپارٽي جو منشور آهي اها ئي وجه آهي جو اڄ جو عوام پيپلزپارٽي جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم ڏسڻ چاهي ٿو پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي نعمان اسلام شيخ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ئي ٿيندو ۽ بلاول ڀٽو زرداري ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ڊيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي جو هميشه عوام پنهنجا مسئلا کڻي اسان وٽ اچي ٿو جيڪي حل ڪيا ويندا آهن قصر ناصر جا دروازا هر وقت عوام لاءِ کليل هوندا آهن اسان سياست کي عبادت سمجهي ڪيو آهي ۽ عوام جي خدمت جاري رکبي جڏهن ته ڪائونسلر عرفان علي داٿود پوٽو سميت جلسي ۾ هزارين عورتون مردن ۽ ٻارڙن پاران آيل مهمانن جو گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ سيد ناصر حسين شاهه، نعمان اسلام شيخ، سيد ڪميل حيدر شاهه کي سنڌ جي ثقافت پٽڪا پهريا ويا ان موقعي تي جيئرمين ميونسپل ڪميٽي روهڙي سردار مير يعقوب علي شاهه، وائيس جيئرمين محمد اسلم ميمڻ، سيد ذوالفقار علي شاهه، آصف رضا خان مهر اقبال شيخ، غلام عباس چاچڙ، احسان علي قريشي، نثارناز رڪ، مجاهد بوزدار سميت پ پ جي ڪارڪنن ۽ عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 01

صمد خاصخيلي طور ٿي آهي جنهن کي علاج لاءِ سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڦورن گشتي موبائيل پوليس تي فائرنگ ڪئي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻيا ساٿي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. گرفتار ڦورو اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث آهي ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل آهن وڌيڪ رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 02

مانيٽرنگ آفيسر سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي. ٻن ڏينهن جي تربيتي پروگرام جو مقصد قدرتي آفتن دوران ٿيندڙ نقصانن سان گڏ پيدا ٿيندڙ نفسياتي مسئلن کي جاچڻ، انهن کي روڪڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ هيس شفا فائونڊيشن طرفان تربيت ڏيندڙ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر ميڊم امارا سرفراز جو چوڻ هيو ته هن پروگرام جو مقصد ٻارڙن سان پيش ايندڙ نفسياتي مسئلن، ننڍي عمر ۾ شادي ٿيڻ، ٻارڙن ۽ عورتن تي ٿيندڙ تشدد ۽ مختلف ادارن ۾ ڪم ڪندڙ مائهن سان ٿيندڙ جسماني زيادتين کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جا حل ڪيڻ بابت آگاهي ڏيڻ آهي. شفا فائونڊيشن طرفان ميڊم امارا سرفراز، شهريار، سعيد حمزه شرڪت ڪئي. ميڊيا سان ڳالهائيندي تربيتي پروگرام ۾ حصو وٺندڙ استاد شڪيل چچڙ، سب انسپيڪٽر عابد علي بلڙو ۽ ٻين جو چوڻ هيو ته نفسياتي مسئلن جي آگاهي لاءِ اهڙا پروگرام اسان جي صحتمند معاشري لاءِ بيحد ضروري آهن. بهترين ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

بقايا | سنڌيار | 03

الطاف گوهر ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نصير واهه تي بيٺل وٽن جي نگراني ڪرڻ اسان جو فرض آهي. مون لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي آهي ايريگيشن يا فاريسٽ کاتو ڪو به ملوث نڪتو ته ان خلاف قانون ڪاروائي ڪئي ويندي. وطن دوست رائيٽرز ميڊيا

بقايا | سنڌيار | 04

حسين درس حنيف درس هريش ڪمار ڪولهي سليم ملاح فيض محمد ڪوسو رزاق ڏنو چلگري اسماعيل ملاح اڪبر ملاح منظور علي درس آصف علي درس ۽ ٻئين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ انتهاپسند گرو طرفان سنڌي ٻولي خلاف تعصباڻو رويو ختم ڪيو وڃي تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻولي جو سبجيڪٽ لازمي قرار ڏنو وڃي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ميرٽ جو جنازو ڪڍيو آهي. ذميوار آفيسرن، وزيرن، ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ڪي ايس پي پاليسي، سنڌ دشمن ٻٽي پاليسي آهي تنهن کي رد ڪيو وڃي. ۽ اوپن ميرٽ تحت داخلائون ورتيون وڃن. دائود يونيورسٽي جي 12 شاگردن کي بحال ڪيو وڃي تعصب پرست وي سي ثمرين عاصم هٽايو يونيورسٽي کي بچايو وڃي تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن، قوميت ۽ ٻولي خلاف تعصباڻو رويو، فيسن ۾ واڌ ختم ڪريو، تعليم دوست ماحول پيدا ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 05

مقبول صه سان ڪئي وئي، جڏهن ته نرسري ڪان مئٽرڪ ڪلاس تائين پهرين، ٻئي ۽ ٽئين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي ايوارڊ ڏنا ويا. تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين وڻ ڪيڻ خلاف ٽيبلو پيش ڪيو جڏهن ته ٽيبلو ۾ وڻ لڳائڻ جي لاءِ تقريب ۾ ويٺل شهرين، والدين کي هڪ پيغام ذريعي اتساهيو ويو. ان موقعي تي والدين سان حسن سلوڪ، سنڌي ثقافت اجرڪ سميت ٻين پهلوئن تي مثبت ۽ مذاحيا ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد وصول ڪيو ان موقعي تي ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال غلام نبي ملاح خطاب ڪندي چيو ته هن تعليمي اداري ۾ 15 سئو کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگرديائيون اعليٰ ۽ معياري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تعليمي ماهرن، بهترين استادن ۽ ماستريائين جي نگراني ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن هن ساليانى تقريب ۾ آيل مهمانن کي تعليمي اداري جي منتظمين طرفان اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا | سنڌيار | 06

سهتو جي فرياد تي 4مڪ جوابدارن سهولت ڪارن سميت هڪ درجن کان وڌيڪ جوابدارن تي اغوا ۽ سهولت ڪاري جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، انهي سلسلي ۾ نياڻين جي والد علي نواز سهتو ميڊيا کي ٻڌايو ته سنڌس واپس ٿيل هڪ ننڍي نياڻي (ع) جو پوليس ميڊيڪل ڪرائڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته وڏي نياڻي (م.ن) اڃان ٻن جاٿايل جوابدارن جي قبضي ۾ آهي جنهن جي جان کي وڏو خطرو آهي ۽ ٿنڌو غلام علي پوليس ڪيس داخل ٿيڻ باوجود هيستائين ڪڪ پچي پيٽر نه ڪري سگهي آهي جويدار بااثر هجڻ تي پوليس کين گرفتار ڪرڻ بدران کلي ڇوٽ ڏيو ريلي آهي علي نواز سهتو اهو پڻ ٻڌايو ته جوابدار ڌرسندن مٿانهن نياڻين جي اغوا وارو ڪيس داخل ٿيڻ تي وڌيڪ مجرجي ڪيس تان هٿ ڪڻ يا قيد نياڻي تان هٿ ڪڻ جون فون ذريعي مسلسل ڌمڪيون ڏيئي رهي آهي هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ آئي جي سنڌ پوليس ڪراچي، ڊي آئي جي پوليس حيدر آباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطلبو ڪيو ته بااثرن وٽ قيد مغوي نياڻي بازياب ڪرائي ڏني وڃي. اغوا ڪندڙ ۽ سندن سهولت ڪارن کي گرفتار ڪري سزا ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 07

ڪي چتي ڪتي جي چڪ واري ويڪسين ڏني وئي جڏهن ته ٻي عورت جي حالت نازڪ هجڻ سبب ڪيس دادو موڪليو ويو زخمي عورتون پاڻ ۾ سس ۽ ننهون آهن جيڪي زرعي زمين تي وڃي رهيون هيون ته ڪتي ڪيس ڏاڙهي وڌو عورتون هڪ ٻئي کي بچائيندي شديد زخمي ٿي پيون آهن جن کي تعلقه اسپتال بعد دادو منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار | 08

تقريب کي خطاب ڪندي ايس يو پي تعلقه ماتجهند جي صدر علي نواز ڪنير چيو ت بااثر وڏيرو اختر پٽي غريب مسڪين ماڻهن جي 80 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري کين تشدد جو نشانو بڻائي پوليس جي مدد سان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي کين جيل موڪلي ڇڏيو جنهن خلاف هلندڙ جدجهد ۾ متاثر خاندان سان گڏ آهيون جسقم اڳواڻ گلشير ڪوسو چيو ت بااثر پوليس جي مدد ۽ هٿيارٻندن جي مدد سان زمينن تان هٿ ڪڻائڻ چاهين ٿا جيڪو فيصلو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين متاثر عامر پٽي چيو ت وڏيري کين پوليس جي مدد سان ڪيس ڪاليج مان گرفتار ڪري ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمين تان هر گز هٿ نه کڻنداسين مسئلو حل ٿيڻ تائين جدجهد جاري رهندي سماجي شخصيت سيد احمد شاه چيو ت پٽي برادري جي غريب ماڻهن جي زمين ۽ پلاٽن تي وڏيرو هٿيارن جي زور تي قابض آهي جنهن خلاف قانوني رستو اختيار ڪيو ويندو زمينن جا ڪاغذ متاثر ڌر وٽ موجود آهن ان موقعي تي محمد ملوڪ ٽيبو بابل لطيف ڪوسو اڪرم ڪوسو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا | سنڌيار | 09

۽ ڌرڻو تفصيل مطابق سورجاڻي ٽائون يوسي 6 جي شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ، سندن دهشتگرد ساٿارين سان گڏ سندن سرڪاري سرپرست، دهشتگردن جي ساڪي سب انسپيڪٽر طارق خالد ۽ سندس ڌوهاري ۽ قاتل ٽيم کي گرفتار ڪري جوگهي سزا ڏيڻ لاءِ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي' سان گڏ ٿئين ڪراچي'، سورجاڻي ٽائون جي پرپاسي جي سياسي سماجي ڪارڪنن پاران، سورجاڻي ٽائون جي شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ، سندن دهشتگرد ساٿارين، سندن سرڪاري سرپرست ۽ دهشتگردن جي ساڪي سب انسپيڪٽر طارق خالد، سندس ڌوهاري ۽ قاتل ٽيم کي ان ڪيس ۾ گرفتار ڪري جوگهي سزا ڏيڻ ۽ 40 ڏينهن کان سب انسپيڪٽر پوليس طارق خالد پاران بيڏوهي باندي بڻائي رکيل آفتاب احمد بروهي' جي آزادي' لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو مظاهرو ڪندڙن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ هئا، جن تي مٿي ڄاڻايل نعرا هئا اهي اپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا ته بيڏوهي باندي بڻايل آفتاب بروهي' کي

بقايا | سنڌيار | 43

جدا عوامي جلسه منعقد ڪيا ويا. رپورٽ موجب پ پ سجاول ضلع پاران يوسي اڪبر شاه جي ڳوٺ گل محمد سولنگي ۾ پ پ ورڪر محمد صالع سولنگي، اسماعيل سولنگي ۽ ٻين پاران منعقد ڪيل جلسي ۾ پ پ سجاول ضلع جو صدر محمد علي ملڪاڻي، پ پ جواڳوٺو ضلع صدر ارباب وزير ميمڻ، سابق ڊپٽي اسپيڪر ريحانه لغاري، سابق ايم پي اي هير سوهو، پ پ ضلع ٺٽي جو صدر صادق ميمڻ، پ پ سجاول جو سينئير نائب صدر ارباب ڪامران ميمڻ، امتياز قريشي سابق ايم اين اي ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو، ڊاڪٽر الطاف خواجه، پير غلام رحماني، پروين لغاري، ممتاز جلباڻي، منظور پليجو ڏاهد ڪڏو، راجا رميز زنئور، ارباب زڪريا ميمڻ، صديق ميمڻ، محمد خان ڪڇي، واحد پرهياڙ، فردوس ميربحر، محمد علي خواجه، غفور ميمڻ، محسن سنڌي، عطا حسين شاه، مراد چانڊيو ۽ ٻين جو خطاب ڪري سياسي قوت جو مظاهرو ڪيو جڏهن ته ساڳئي يوسي سيد اڪبر شاه جي ڳوٺ فتح محمد ابڙو ۾ فقط هڪ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي پ پ ۾ شامل شيرازي برادران پاران الڳ پاور شو ڪيو ويو جنهن کي پ پ جي سابق ايم اين اين سيد اياز علي شاه، سابق ايم پي اي سيد شاه حسين شاه شيرازي، سيد پاشاه شاه شيرازي، آفتاب شاه شيرازي، غياث ميمڻ، غلام علي خواجه، حاجي حبيب ميمڻ، امين لنڊ، محمد ابڙو ۽ ٻين جو خطاب ڪيو. ان کان اڳ سوين گاڏين جي قافلي ۾ سيد پور کان نڪتل ريلي ڳوٺ فتح ابڙو پهتي، جتي هزارين ماڻهن جي شرڪت ڪري اڳواڻن جو استقبال ڪيو جڏهن ته اليڪشن کان اڳ پ پ جي ٿيل ٻنهي جلسن ۾ اڳواڻن طرفان هڪ ٻئي مٿان شديد تنقيد ڪئي وئي.

بقايا | سنڌيار | 40

لچواڻي، ڪيول پرمار، سياف اڳواڻ پرديپ سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ڪشمير چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج کي خطاب ڪندي ايس ايس ٽي مرڪزي صدر دانش پرمار چيو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪي ايس پي پاليسي لاڳو ڪئي وئي آهي جيڪو سنڌ دشمن ٻٽي پاليسي آهي جنهن جي لاڳو ٿيڻ سان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪراچي کان علاوه سنڌ جي ڪنهن ضلع جو ڊوميسائل رکندڙ شاگرد داخلا نٿو وٺي سگهي، ڪي ايس پي پاليسي در اصل سنڌي شاگردن کي يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ انتظاميه هڪ انتهائي قدم کنيو آهي، جنهن کي رد ڪيو وڃي، ٻئي پاسي دائود يونيورسٽي ڪراچي ۾ سنڌي شاگردن کي ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو آهي، 88 سنڌي ملازم به تعصب پرست وي سي ثمرين عاصم برطرف ڪري ڇڏيا آهن، دائود يونيورسٽي ۾ سنڌ دشمن وي سي کي هٽايو وڃي ۽ سمورا شاگرد ۽ سنڌي ملازم بحال ڪيا وڃن، هاسٽل تان قبضا هٽايا وڃن. انتهاپسند گرو جميعت هڪ پيرو پيهر سنڌي ٻولي خلاف نفرت جو اظهار ڪيو آهي اهڙي نسل پرست گروه تي ادارن ۾ پابندي لڳائي وڃي. وڪيل شاهنواز هڱورجي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ تازو ٽيسٽ بعد انٽرويو ۾ ريڪارڊ ڪرپشن ڪئي وئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 37

. ان موقعي تي لنڊ برادري جي عورتن، مردن، معصوم ٻارڙن، چگل خاتون، پاڳل خاتون، پروين ،الطاف لنڊ، حفيظ ،مور ،سجاد ،اڪبر ،نادره ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ زمين اسان کي هاريپي تي آهي، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ فاروق لوڌي کي اها زمين ملي. جيڪا اسان کي اڄ تائين هاريپي تي آهي، اها زمين فاروق خان لوڌي 10 ايڪڙ وڪرو ڪري ٻاهرين ماڻهن کي ڏيڻ چاهي ٿو . اسان پراڻا هاري سان گڏ پرسان اسان جا گهر آهن. اسان زمين مناسب رقم تي خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، فاروق خان اسان کي زمين ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي، جڏهن ته اسان جو ٻهريان خريد ڪرڻ جو حق آهي. اسان جي گهرن جي پرسان زمين آهي، انهيءَ معاملي تان فاروق خان لوڌي اسان جا 2 نوجوان

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com